گلن جي بغاوت

سعادت حسن منٽو

قيمت ٢ روپيه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رابيل پبليڪيشن جنوري ١٩٨٤ع

(Rights of translation reserved
Published by Rabel Publication Larkana
Printed at Muddasar Press Nain Jo Per,
Hyderabad Sind

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شامل ڪهاڻيون

* نيري آسمان هيٺان	سنڌيڪار: سائينداد ساند
* گلن جي بغاوت	” نظام عباسي
* نئون سال	” صبيحه قاضي
* برقعو	” رانجهو جمالي
* غسل خانو	” عبدالمنان جمالي
* مصري جو ٽڪرو	” رانجهو جمالي
* آپگهات	” سلطانه ابڙو
* موت	” امداد حسين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سعادت حسن منٽو

سعادت حسن منٽو ۱۹۱۲ ۾ سمرالا ضلع لڌيانہ ۾ پيدا ٿيو. امرتسر ۾ تعليم ورتي. ميٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ ڪجهہ عرصو علي ڳڙهہ يونيورسٽي ۾ پڙهيو. پر جلد پڙهائي جو سلسلو ختم ڪري ٻيهر امرتسر ۾ آيو. اتي مساوات اخبار ۾ ڪم ڪرڻ لڳو. منٽو منڍ ۾ پرڏيهي ادب ڪي ترجمو ڪندو رهيو. پر جلدئي پنهنجون طبعزاد ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيائين. ڏسندي ڏسندي اردو ادب جو چرچيءَ جو ڪهاڻيڪار بڻجي ويو. انهيءَ عرصي ۾ سخت بيمار ٿيو ۽ لاهور هليو آيو اتي پارس، اخبار ۾ چاليهہ روپيہ ماهوار جي حساب سان ملازم ٿيو. وري ٿوري عرصي بعد بمبئي هليو ويو جتي هفتہ روز "مصور" جي ايڊيٽري سنڀالي پر ۱۹۴۱ ۾ دهلي وڃي ريڊيو سان وابسطہ ٿي ويو.

منٽو پنهنجي ويهہ سال ادبي زندگي ۾ ۲۰۰ کان وڌيڪ ڪهاڻيون، ڊراما ۽ فلمي ڪهاڻيون لکيون. پر ڪيس ڪڏهن بہ سک ۽ سانت جو گهڙيون ميسر نہ ٿيون. حياتي جي پيچ ڙڪن ڏهاڙن ۾ هن لکيو، ڏينهن رات جي محنت ڪانپوءِ بہ مان ايترو ڪمايان ٿو جو مس مس پيٽ پالي سگهان ٿو. جهڪڏهن مان اوچتو مري وڃان تہ منهنجي ٽن ننڍين ڇوڪرين جي سنڀال ڪير ڪندو."

منٽو ۴۲ سالن جي ڄمار ۾ وفات ڪئي

نظام عباسي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيري آسمان هيٺان

اهي ٿي ڏينهن هئا. آسمان هن جي نيٺن جيان اهڙو ٿي نيرو هو، جهڙو اڄ آهي: ڏوتل ۽ نکريل-
سجل سپنن وانگر مٺيءَ جي بوهه بـ، اهڙئي هئي، جهڙي اڄ منهنجي دل ۽ دماغ ۾ رچجي رهي آهي- ۽ مون اٿين ئي ليٽيندي ليٽيندي پنهنجي ٿٽڪندڙ روح جي حوالي ڪري ڇڏيو هو.
هن مون کي چيو هو: ”تو مون کي جو هيءَ لمحا عطا ڪيا آهن، پڪ ڄاڻ تہ منهنجي زندگي انهن کان خالي هئي، هيءَ جي خالي جڳهون تـو اڄ منهنجي هستيءَ ۾ ڀريون آهن، سي تنهنجيون ڏورانئيون آهـن، ڏون منهنجي زندگيءَ ۾ نہ اچين ها تہ آهي نت اڏوريون رهجي وڃن ها.... منهنجي سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ توکي ڇيو ڇا چوان! منهنجي تڪميل ٿي ويئي آهي: اهڙي ڀرپور نموني جـو محسوس ٿئي ٿـو، مون کي تنهنجي ضرورت ناهي رهي...“
۽ هو هليو ويو، هميشہ لاءِ هليو ويو:
منهنجي نيٺن نير وهايو، منهنجيءَ دلڙيءَ دانهون ڪيون، مون هن اڳيان ٻانهون جوڙيون.... هن ڪان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لکوار پڇيم ته ”توکي منهنجي هاڻي ضرورت ڇو نٿي رهي؛ جڏهن ته تنهنجي ضرورت تمام شدت سان هاڻي شروع ٿي آهي. انهن لمحن کان پوءِ جن، بقول تنهنجي، تنهنجي خالي هستيءَ جون چڪيون پوريون آهن“ هن چيو ”تنهنجي وجود جي جنهن جنهن ذري جي منهنجي هستيءَ جي تعمير ۽ تڪميل کي ضرورت هئي، هي لمحا چونڊي چونڊي ڏيندا رهيا.... هاڻي جڏهن تڪميل ٿي چڪي آهي، تنهنجا ۽ منهنجا رشتا پاڻهي ختم ٿي ويا.“ ڪهڙا نه ڏاڍا پريا لفظ هئا!! مون کان هيءُ رويو سٺو نه ٿيو، آڻون رنيس، رڙيس پر هن تي ٿورو به اثر نه ٿيو، مون هن کي چيو: ”هيءُ ذرا جن سان تنهنجي تڪميل ٿي آهي، منهنجي وجود جا حصا هئا: ڇا انهن جو مون سان ڪو رشتو ڪونهي!! ڇا منهنجي وجود جو باقي حصو انهن کان پنهنجو ناتو ٽوڙي سگهي ٿو؟ تون مڪمل ٿي ويو آهين، پر مون کي اڌورو ڪري.... ڇا مون اهتري لاءِ توکي پنهنجو پالڻهار بڻايو هوم“؟ هن چيو ”پوئترا گلن ۽ مکڙين جو رس چوسي ماکي گڏ ڪندا آهن پر هو ته جيتري به انهن گلن ۽ مکڙين جي چپن تائين ڪونه آڻين.... خدا پنهنجي پرستش ڪرائي ٿو پر پاڻ بندگي ڪونه ڪري، ’عدم‘ سان ’خلوت‘ ۾ چند گهڙيون گذاري هن وجود جي تڪميل ڪئي.... پر هاڻي ’عدم‘ ڪٿي آهي. هو ته اهڙي ماءُ هئي جيڪا وجود کي جنم ڏيندي ڇم جي بستري تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فنا ٿي ويئي هئي.“

عورت روئي سگهي ٿي— دليل پيش ڪري نٿي سگهي: انهيءَ جو سبب ڪان وڏو دليل سندس اڪ مان وهيل لڙڪ آهي. مون هن کي چيو: ”ڏس! آئون روئي رهي آهيان.... منهنجيون اکيون ڳوڙها پيون ڳاڙين.... تون وچين رهيو آهين ته وڄ، پر هنن ۾ ڪجهه ڳوڙهن کي ته پنهنجي رومال جي ڪفن ۾ ويڙهي ساڻ کڻيو وڃ.... آئون ته سڄي عمر روئندي رهنديس.... مون کي ايترو ته ياد رهندو ته ڪجهه ڳوڙهن جي ڪفن دفن جو سامان تو به ڪيو هو— مون کي خوش ڪرڻ ڪاڻ!“

هن چيو: ”آئون توکي خوش ڪري چڪو آهيان.... توکي اهڙي مضبوط خوشيءَ سان همڪنار ڪري چڪو آهيان، جنهن جا تون خواب ڏٺي ڏسندي هئين— چاان جو لطف، ان جو سرور، تنهنجي زندگيءَ جي باقي لمحن جو سهارو نٿا ٿي سگهن، تون چوين ٿي ته منهنجي تڪميل توکي متحرڪ رکڻ لاءِ ڪافي ڪونهي! مان مرد آهيان. اڄ تو منهنجيءَ زندگيءَ جي تڪميل ڪئي آهي، سپاڌي ڪو پيو ڪندو منهنجو وجود ڪجهه اهڙي مٽي ۽ پاڻيءَ مان ٺهيو آهي جنهن جي زندگيءَ ۾ اهڙا ڪيئي لمحا ايندا. جڏهن هو خود کي تڪميل لاءِ آتو سمجهندو.... ۽ تــو جهڙيون ڪئي عورتون اهڙيون جيڪي انهن لمحن جي خالي ڪيل جڳهين کي پري ڇڏينديون.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آئون روئندي رهيس، جهجهندي رهيس.

مون سوچيو: هي چند لمحا جيڪي هاڻي منهنجيءَ مٿ ۾ هئا.... ڏس، آئون انهن حالتن جي مٿ ۾ هيس- مون ڇو پاڻ کي انهن جي حوالي ڪري ڇڏيو. مون ڇو پنهنجي ڦٿڪندڙ روح کي منهن ڪليل پڃري ۾ وجهي ڇڏيو، ان ۾ مزو هو، هڪ لطف هو، هڪ سرور هو.... هو! ضرور هو.... ۽ اهو هن جي ۽ منهنجي ذڪر ۾ هو.... ليڪن.... هيءَ ڇا جو هو ثابت ۽ سالم رهيو ۽ مون ۾ ڏار پئجي ويا.... هيءَ ڇا، هو منهنجي ضرورت محسوس نٿو ڪري، پر آئون اچا شدت سان هن جي ضرورت محسوس ڪريان ٿي، هو ڏاڍو ڀڄي ويو آهي ۽ آئون هيٺي ٿي وئي آهيان. اهو ڇا ته اڀ ۾ ٻه بادل هم آغوش هجن ۽ هڪ روئي وسي ۽ ٻيو وچ جو چمڪو ڀڄي درسات سان ڪيڏندي ڪيڏندي پٽ ڏيئي پڃي وڃي: هيءَ ڪنهن جو قانون آهي؟ آسمان جو— زمين جو، يا انهن جي ڏاهيندڙ جو؟ سان سوچيندي رهيس ۽ جهجهندي رهيس. ٻن روحن جو گهٽجي هڪ ٿي وڃڻ ۽ هڪ ٿي وسعت اختيار ڪرڻ— ڇا، هي سڀ ڪجهه شاعري آهي.... ٻه روح گهٽجي ڪري ضرور هن ننڍي نڪتي تي پهچن ٿا، جيڪو ڦهاجي ڪائنات بڻجي ٿو. پر هن ڪائنات ۾ هڪ روح ڇو ڪڏهن ڪڏهن گهايل گهايل ڇڏي ڏنو ويندو آهي، ڇا هن ڏوهه ۾ نه هن ٻئي روح کي ان ننڍي نڪتي تي

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

پھچڻ ۾ مدد ڏني هئي. هيءَ ڪھڙي ڪائنات آهي؟

هيءَ ٿي ڏيئھن هئا: آسمان هن جي نيڻن وانگر ڏٺي نيرو هو، جھڙو اڄ ۽ آس پاس اهڙي ٿي.... هئي ۽ مون اهڙي طرح ليٽندي پنھنجو ڦٽڪندڙ روح هن جي حوالي ڪري ڇڏيو هو.... هو موجود نه آئي... بجليءَ جو سيهو ٻنجي خبر ناهي ڪھڙين ڪڪرن جي آهن سان ڪيڏي رهيو آهي.... پنھنجي تڪميل ڪري هليو ويو.... هڪڙو نانگ هو جو مونکي ڏنگي هليو ويو ـــ پر هاڻي هن جون ڇڏيل لڪيرون ڇو منھنجي پيٽ ۾ آرس موڙي رهيون آهن ـــ ڇا هيءَ منھنجي تڪميل ٿي رهي آهي؟ نه، نه، اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي. هيءَ ته تخريب آهي ـــ پر هيءَ منھنجون خالي جڳھيون ڀرجي رهيون آهن. هي جا ڪڏا هئا سي ڪھڙي ملبي سان ڀريا پيا وڃن.... منھنجي رڳن ۾ هيءَ ڪھڙي سرسراهٽ ڊوڙي رهي آهي.... آئيون گھٽجي گھٽجي پنھنجي پيٽ ۾ ڪھڙي ننڍڙي نڪتي تي پھچڻ لاءِ وٽ ڪائي رهي آهيان ـــ منھنجي پيڙي پـڏي ڪھڙن سمنڊن ۾ ترڻ لاءِ اڀري رهي آهي....؟"

هي منھنجي اندر چلهه تي ڪھڙي مھمان لاءِ کير گرم ٿي رهيو آهي ـ هي منھنجي دل منھنجي رت کي ڏٿي ڏٿي ڪنھن لاءِ نـرم نازڪ سڙهيون تيار ڪري رهي آهي ـ هيءَ منھنجو دماغ منھنجي خيالن جي رنگ برنگي ڌاڳن مان ڪنھنجي لاءِ ننڍڙيون ننڍڙيون پوشاڪون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آئي رهيو آهي— منهنجو رنگ ڪنهنجي لاءِ نڪري رهيو آهي، منهنجي انگ انگ ۾ روڻ روڻ ۾ قاتل هڏڪيون، لوڙين ۾ تبديل ٿي رهيون آهن.

اهي ٻئي ڏينهن هئا— آسمان هن جي نيڻن وانگر اهڙوئي نيرو هو، جهڙو اڄ آهي— پر هي آسمان پنهنجي اڇاڻين تان لهي ڇو منهنجي پيٽ ۾ ٽڪجي ويو آهي.... هن جون نيريون نيريون اکيون ڇو منهنجي رڳن ۾ ٻڏي رهيون آهن.... منهنجي ڇاتين جي گولائين ۾ پاڪائي ڇو اڇي رهي آهي؟ نه— نه— هي پاڪائي ڪجهه ٻي ناهي، آئون انهن کي ٻڌي ڇڏيندس، آئون پنهنجي اندر جا سڀ چاهنا ٽڪرا ڪري ڇڏيندس، جن تي اڻ ڳڻي مهمانن لاءِ خاطرداريون چڙهيل آهن: آئون پنهنجي رنگ برنگي خيالن جي تاڳن کي منجهائي ڇڏيندس!

اهي ٻئي ڏينهن هئا- آسمان هن جي اکين جهڙو اهڙوئي نيرو هو جهڙو اڄ آهي.... پر آئون اهي ڏينهن ڇو ياد ٿي ڪريان، جن جي سيني تان هو پنهنجي پيرن جا نشان ٻه ڪٽي هليو ويو. پر هي ڪنهنجي پيرن جا نشان آهن- هيءُ جو منهنجي پيٽ جي گهر ٻن ۾ ترقي ڪري رهيو آهي، ڇا هيءُ منهنجو ڇاتل سچاتل آهي؟ نه— ! آئون هن کي ڪرڙي ڇڏيندس، هي ڦرڙي آهي- هي ڳڙ آهي- خوفناڪ ڳڙ. پر مون کي ڇو محسوس ٿئي ٿو ته هي ٻهو آهي- ٻهو آهي، ته ڪهڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڦِٽ جو؟ اُن ڦٽ جو جيڪو هو مون کي ڏيئي هليو ويو. نه، نه — هي نه لڳي ٿو، ڪنهن پئدائشي ڦٽ لاءِ آهي. اهڙي ڦٽ لاءِ جنهن کي مون ڪڏهن ڏٺو ئي نه هو، جيڪو منهنجي ڪک ۾ خبر ناهي ڪڏهن کان سئو پيو هو. هي ڪک ڇا، بيڪار مٽي جي هنڌي - پارن جو رانديڪو: آئون انهيءَ کي ترڙب ڇڏيندس. پر هيءَ ڪير منهنجي ڪک ۾ چوي ٿو ”هي دنيا هڪ ڇوڙالو آهي، تون پنهنجو پاندو اُن ڇو ٿي ڦاڙين — ياد رک، تو تي اڱريون کڄبون.“

اُڱريون هوڏانهن ڇو نه کڄنديون جيڏانهن هو پنهنجي هستي مڪمل ڪري هليو ويو. ڇا انهن اڱرين کي اُن وات جي خبر ناهي. هيءَ دنيا هڪ ڇوواڙو آهي. پر ان وقت هو مون کي هڪ ٻه، والي تي ڇڏي هليو ويو، هن پاسي به اڌورپڻو، هن پاسي به اڌورپڻو — هن پار به لڙڪ، هن پار به لڙڪ.

پر هيءَ ڪنهنجو ڳوڙهو منهنجي سپ ۾ موتي بڻجي رهيو آهي — هي ڪٿي ڀڄبو؟

آڱريون کڄنديون، جڏهن سپ جو منهن کلندو ۽ موتي ڦهلجي ٻاهر ڇوواڙي تي ڪري پوندو ته آڱريون کڄنديون، سڀ ڏانهن به، موتيءَ ڏانهن به. ۽ هي آڱريون نانگڻيون بڻجي انهن ٻنهي کي ڏنگينديون ۽ پنهنجي زهر سان ان کي نيرو ڪري ڇڏينديون.

آسمان هن جي نيڻن وانگر اهڙوئي نيرو هو جهڙو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ آهي — هيءَ ڪري ڇو نٿو پوي، آهي کهڙا ٿنڀا آهن، جيڪي هن ڪي جهليو بيٺا آهن. ڇا ان ڏينهن جيڪو زلزلو آيو هو، اهو اُنهن ٿنڀن کي لوڏي ڇڏڻ لاءِ ڪافي نه هو — هي ڇو اڃا تائين منهنجي سر تي اٿين ٽنڊيو بيٺو آهي؟ منهنجو روح پکهر ۾ عرق آهي، هن جو هر.... ڪاليل آهي، ڇنهي پاسن باهه ڀڙڪي رهي آهي: منهنجي اندر ڪڙهائيءَ ۾ سون پگهرجي رهيو آهي، ڏنوٽيون هلي رهيون آهن، شعلا ڀڙڪي رهيا آهن، سون پرندڙ ديل جي لاوي وانگر اُٿني رهيو آهي، منهنجي رڳن ۾ نيلا نيٺ ڊوڙي سهڪي رهيا اهن — گهنٽيون وڄي رهيون آهن، ڪوئي اڇي رهيو آهي — بند ڪريو — بند ڪريو. ڪڙهائي اوندي ٿي وئي آهي- پگهريل سون وهي رهيو آهي — گهنٽيون وڄي رهيون آهن، هو اڇي رهيو آهي — منهنهنجون اکيون پوٽيون ٿيون وڃن، نيرو آڪاس گدلو ٿي هيٺ اچي رهيو آهي.

هن ڪنهنجي روئڻ جو آواز آهي، هن کي چپ ڪرايو: هن جون رڙيون منهنجي دل تي هٿوڙا هڻي رهيون آهن — چپ ڪرايو- ماڻ هنج ٻڌجي رهي آهيان منهنجون ٻانهون ڪلنديون ٿيون وڃن، ڇاهين تي ڪير ڪڙهي رهيو آهي: منهنجي ڇاتيءَ جون گولايون پياليون ٻجنديون ٿيون وڃن. آئيو، هن گوشت جي ٽڪري کي، دل جي ڏٺيل رت جي نرم نرم ڳلن ۾ ليٽائي ڇڏيو. نه کسيو — نه کسيو —. مون کان جدا نه ڪريو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هدا جي واسطي مون کان جدا نہ ڪريو.

آگريون — آگريون — ڪجھہ ڏيو آگريون — مون کي پرواھہ ناهي. هيءَ دنيا ڇوواڻو آهي - ڦاٽي ڏيو، منهنجي زندگيءَ جا سڀ پانڌا. منهنجي زندگي تباھہ ٿي ويندي، تباھہ ٿيڻ ڏيو. مون کي منهنجو گوشت واپس ڪريو — منهنجي روح جو هي ٽڪرو مون کان نہ ڇنو اوهان نٿا ڄاڻو، هي ڪيترو قيمتي آهي — هي گوهر آهي، جو مون کي انهن ڪجھہ گهڙين عطا ڪيو آهي انهن ڪجھہ گهڙين جن منهنجو وجود ڪھترنئي زرن کي ڇونڊي ڇونڊي ڪنهن جي تڪميل ڪئي هئي ۽ مون کي پنهنجي خيال ۾ اڏورو ڇڏي هليا ويا هئا. منهنجي تڪميل اڄ ٿي آهي.

مڃيو ڪٽي — مڃيو ڪٽي — منهنجي پيٽ جي خلا کان بچيو — منهنجي ڪير پرڀل ڇاتين کان بچيو — هنن لورين کان بچيو، جيڪي منهنجي انگ انگ ۾ رڙين رڙين ۾ سينئي هڏڪين کي سمهاري اڳتي وڌي رهيون آهن. هنن جهولڻن کان بچيو، جيڪي منهنجي ٻانهن ۾ وڌا پيا وڃن، منهنجي ڇهري جي پيلاڻن کان بچيو، جيڪي گوشت جي ٽڪري جي ڳلن کي پنهنجون سڀ لالائيون ڇوسائيندڙيون رهيون آهن — هنن ساهن کان بچيو، جيڪي لڪي ڇپي هن کي هن جو حصو پهچائيندا رهيا آهن.

آگريون — آگريون — ڪجھہ ڏيو آگريون — آئون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن کي وڏي چڙهندس — گوڙ ٿيندو: آئون هي آڱريون ڪٽي پنهنجي ڪنن ۾ ٺوڪي ڇڏيندس: آءٌ ـ ون گونگي ٻڌي ويندس، آئون ٻوڙي ٿي ويندس، انڌي ٿي وينديس — منهنجو گوشت ـ: منهنجا اشارا سمجهي پيو وٺندو، آئون هن کي هٿوراڙيون ڏيئي ڳولي سڄائي وٺندس، هي سڀ ٺڪون.... سمجهي ڇٽي ڇڏيندس —! ڏسو آئون هٿ ٿي ٻڌان — اوهان جي پيرن ٿي پوان: منهنجا پريل ڪير جا ٽانو اونڌا نه ڪريو. منهنجي دل جي ڏٺيل رت جي نرم نرم ڳلن ۾ آڳ نه لڳايو، منهنجي پاڻ جي هندورن جون رسيون نه ٽوڙيو — منهنجي ڪنن کي انهن گيتن کان محروم نه ڪريو، جيڪي هن جي روئڻ سان مون کي ٻڌڻ ۾ اچن ٿا — نه ڇنو —، نه، ڇنو — مون کان جدا نه ڪريو.

* * *

لاهور — ٢١ جنوري.

ڏوپي منڊيءَ مان پوليس هڪ ڏازو چاول ٻارڙيءَ، ٽريلي روڊ تي پيل هٿ ڪري پنهنجي قبضي ۾ ورتو آهي. ڪنهن پٿر دل ٻارڙيءَ جي گردن کي زور سان ڪپڙي ۾ جڪڙي ڇڏيو هو ۽ اگهاڙي جسم کي وسيل ڪپڙي ۾ ٻڌي ڇڏيو هو ته جيئن هو سرديءَ ۾ مري وڃي، پر هوءَ زنده هئي. ٻارڙي ملوڪ (سهڻي) آهي:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڪيون نيربون اٿس، هن کي اسپتال پهچايو ويو آهي.

نه چنو—، نه، چنو.

هي منهنجي ممتا جي مٽي جي ٽڪو آهي- منهنجي گناهه جو ڪوڙو ميوو آهي- ماڻهو هن تــي ٿُو ٿُو ڪندا؟ آڏون چٽي ونديس.

سنڌيڪار:- سائينداد ساند

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

گلن جي بغاوت

باغ ۾ جيڪي گل هئا سي سڀ جو سڀ باغي ٿي ويٺا. گلاب جي سيني ۾ بغاوت جي باهه ڀڙڪي پئي هئي. هن جي رڳ رڳ ۾ جوش هيو. هڪ ڏينهن هن پنهنجي ڪنڊن ڀريل ڪچي ايسي ڪئي ۽ بغير سوچ سمجهه جي پنهنجي ساٿين کي چوڻ لڳو،

”دوستو! ڪنهن کي به اهو حق ڪونهي جو هو اسانجي پگهر مان پنهنجي عياشيءَ جو سامان تيار ڪري. اسانجي زندگيءَ جون بهارون اسان لاءِ آهن. ۽ ان ۾ اسين ڪنهن ٻئي کي شريڪ ڪرڻ نٿا گهرون.“

گلاب جو چهرو ڪاوڙ منجهان ڳاڙهو ٿي ويو هو. هن جا پن ٿڙڪي رهيا هئا.

چنبيلي جي ٻوٽي ۾ سڀ مکڙيون گوڙ ٻڌي جاڳي پيون، ۽ عجب وچان هڪ ٻئي جو منهن ڏسڻ لڳيون. گلاب جو مڙدانو آواز ٻيهر اڀريو.

”هر ڪنهن کي پنهنجي حقن جي حفاظت ڪرڻ جو حق آهي. اسين گل انهيءَ ڪان آجا نه آهيون. اسان جون دليون نرم ۽ نازڪ آهن. گرم هوا جو جهوٽو اسان جي وجود کي ختم ڪري سگهي ٿو. ماڪ جو هڪ قطرو اسانجي آج اجهائي سگهي ٿو. ڇا اسان ان

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

مالهيءَ جي ڪهرن هٿن کي برداشت ڪري سگهون ٿا جنهن تي موسم جي ڦير گهير جو ڪو اثر نٿو پوي.

موتيءَ جي گل رڙ ڪئي، "هرگز نه" ۽ هن جي اکين ۾ رت پرجي آئي ۽ چوڻ لڳو،

"هن ظالم جي ظلم سان منهنجو سينو داغدار ٿئي پيو ۽ مان هن جلاد جي خلاف ڳاڙهو جهنڊو اڀو ڪندس."

اهو چئي هو ڪاوڙ وچان ٿڙڪڻ لڳو. چنبيليءَ جون مکڙيون عجب ۾ هيون ته هي گوڙ ڇو ٿيو آهي. هڪ مکڙي نخري وچان گلاب جي ٻوٽي طرف جهڪي ۽ چوڻ لڳي، "توهان منهنجي ننڊ خراب ڪئي آهي. آخر ايڏو زور سان رڙيون ڇو ٿا ڪريو؟"

ٻيا گل پري کان گلاب جي تقرير ٻڌي رهيا هيا.

هڪ چيو "ڦڙو ڦڙو ملي دريا ٿيندو آهي. جيتوڻيڪ اسين ادني گل آهيون پر جيڪڏهن اسين پاڻ ۾ گڏجون ته ڪو سبب ناهي جو اسين پنهنجي دشمن کي ختم ڪري ڇڏيون. اسان جون پنکڙيون جيڪڏهن خوشبو پيدا ڪن ٿيون ته اهي زهريلي گئس به پيدا ڪري سگهن ٿيون. پيارو گلاب جو ساٿ ڏيو ۽ پنهنجي سوڀ سمجهو."

اهو چئي هن هر گل ڏانهن ڏٺو.

گلاب ڪجهه چوڻ وارو ئي هو ته چنبيلي جي مکڙي پنهنجي مرمرين، تجمل جهڙي نرم ۽ نازڪ جسم

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

ڪي موڙو ڏيندي چيو، ”هي سڀ بيڪار ڳالهيون آهن. اڄ تون مونکي شعر پڙهي، مان تنهنجي هنج ۾ سمهڻ چاهيان ٿي. تو شاعر آهين، منهنجا پيارا، اڄ اسين هن بهار جي خوشگوار موسم کي ائين زيان نه ڪيون. اهڙي دنيا ۾ هلون جتي آرام ئي آرام هجي.“

گلاب جي سيني ۾ هلچل مچي وئي. هن جي نبض تيز ڌڙڪڻ لڳي ۽ هن کي ائين ٿي محسوس ٿيو ته هو ڪنهن اٿاهه گهرائي ۾ لهندو پيو وڃي.

هن مکڙي جي ڳالهه جو اثر گهٽائيندي چيو ”نه مان ميدان جنگ ۾ لڙڻ لاءِ قسم کائي چڪو آهيان ۽ مون لاءِ هاڻي پيار ۽ محبت بيڪار آهي.“

مکڙي پنهنجي نرم ۽ نازڪ لچڪدار جسم کي موڙو ڏيندي، نهايت ٺاٺ واري لهجي ۾ ورائيو، ”او منهنجا پيارا گلاب اهڙيون ڳالهيون نه ڪر مون کي ڏپ پيو ٿئي. چانڊوڪي راتين جو خيال ڪر، جڏهن مان پنهنجو لباس لاهي انهيءَ نوراني ڦوهاري جي هيٺان وهنجندم ته تنهنجي ڳٽن جي ڳاڙهاڻ ڪيڏو نه سندر لڳندي. تون چرين وانگر منهنجن چپڙن کي چمڻ لڳندي، ڇڏ انهن فضول ڳالهين کي مان تنهنجي ڪنڌ تي هٿ رکي سمجهڻ چاهيان ٿي....“

چنبيلي جي مکڙي گلاب جي ڏڪندڙ ڳلن سان پنهنجا ڳل لڳائي سمهي پئي. گلاب مدهوش ٿي ويو. چئني طرفن کان گلن جا آواز اڀرندا رهيا پر گلاب نه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاڳيو سڄي رات سرور ۾ مستي ۾ رهيو.

صبح جو مالهي آيو هن گلاب جي گل جي ڏاريءَ

سان گڏ چنبيلي جي مکڙي چنبڙيل ڏٺي ۽ هن پنهنجو

ڪهرو هٿ وڌائي پنهي کي پٽي ورتو.

سنڌيڪار:- نظام عباسي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نئون سال

ڪئلينڊر جو آخري پنو جنهن تي ۳۱ ڊسمبر لکيل هئو، هڪ گهڙيءَ جي اندر هن جي سنهڙين آڱرين واري هٿ ۾ هئو. هاڻي ڪئلينڊر هڪڙو ٽوٽ سڪل وڻ پئي لڳو، جنهن جي ٽارين جا سڀ پن سرءُ جي جهوٽن اڏائي ڇڏيا هجن!

پٺ تي پڳل گهڙيال ٽڪ ٽڪ پئي ڪئي، ڪئلينڊر جو آخري پنو جيڪو ڏيڍ انچ ڪاغذ جو ننڍڙو ٽڪرو هئو، هن جي سنهڙين آڱرين ۾ ائين پيو ڏڪي ڄڻ موت جي سزا جو قيدي ڦاهيءَ جي تختي اڳيان بيٺو هجي.

گهڙيال ٻارنهن ٽڪ هنيا، ٻهرئين ٽڪ تي آڱرين ۾ چرپر ٿي ۽ آخري ڏڪ تي ڪاغذ جو اهو ٽڪرو ننڍڙي گولي ٿي ويو. آڱرين اهو ڪم ڏاڍي بي رحميءَ سان ڪيو ۽ جنهن شخص جون اهي آڱريون هيون- اهو آڱرين کان به وڌيڪ بي رحميءَ سان ڪاغذ جي ان گوليءَ کي ڏسي ويو- هن جي چپن تي تيزابي مرڪ تري آئي، ڪئلينڊر کي فاتحانه نظرن سان ڏسي چيائين ”مان توکي کائي ويو آهيان. ٻنا چپائڻ جي ڳهي ويو آهيان.“

ان کان پوءِ هڪ اهڙو ٽهڪ ايريو جنهن ۾ انهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏوپن جو آواز ڏيڄي ويو جيڪي ٽئين سال جي شروعات
تي ڪٽي پري پئي گجيون —

جيستائين انهن ڏوپن جو آواز جاري رهيو، هن جي سڪل نڙيءَ مان لهڪ پرندڙ لاوي وانگر نڪرندا رهيا، هو بي حد خوش هئو- بي حد خوش، اهوئي سبب هو جو هن جي حالت چرين جهڙي هئي. سندس خوشي آخري درجي تي پهتل هئي؛ هو سڄي جو سڄو ڪانيو پئي- پر سندس اکيون رنيون پئي ۽ جڏهن ڪليو پئي ته توهان هن جي ڏڪندڙ چپن کي ڏسي سمجهي وڃو ها ته هن جو روح ڪنهن سخت عذاب مان پيو گذري.

هر هر نعرو پيو هڻي "مان ڏوکي ڪاڻي ويو آهيان پنا چپائڻ جي ڳهي ويــو آهيان- هڪ هڪ ڪري ڏي سٺو چاهت ڏينهن کي، ليپ ڏينهن سموت!"

خالي ڪٽلينڊر سندس ان عجيب و غريب دعويٰ جي تصديق پيو ڪري.

اچ ڪـان ٽيڪ چار سال پهرين جڏهن هو پنهنجي ڪلهن تي مصيبتن جا جبل کڻي، پنهنجو رزق پـاڻ ڪمائڻ لاءِ ميدان ۾ آيو ته ڪيترائي ماڻهو هن تي کلندا هئا— ڪيترن ماڻهن هن جي "همت" جو مذاق آڏايو هئو، پر هن انهن ڳالهين جي ڪا پرواهه ئي نه ڪئي. ۽ هن کي هاڻي به ڪنهن جي پرواهه ڪانه هئي. هن کي رڳو پنهنجي ئي پرواهه هئي ۽ بس، پيو جي جنت تي هو سدائين پنهنجي دوزخ کي ترجيح ڏيندو هو ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هائي به ان اصول جو پابند هئو.

هو انهن ڏينهن ۾ گڏهن وانگر ڪم ڪندو هو، ڪتن کان وڌيڪ ذليل زندگي پيو گذاري- پر اهي ٻالهيون هن جي راهن ۾ رنڊڪ نه بڻيون.

ڪيترا پيرا هن کي پنهنجن اکيان هٿ ڊگهيرڻو پيو- هن هٿ ڊگهيڙيو پر هڪ شان سان- هو چوندو هو ”اهي سڀ فقير جيڪي رستن تي جهوليون جهلي، ڪشتا کڻي ڦرندا ٿا وتن، انهن کي گوليءَ سان اڏائي ڇڏجي— خيرات وٺي اهي ذليل ڪتا شڪرگذار ٿا نظر اچن- جيتوڻيڪ انهن کي مهرباني ڪاريون ڏيڻ گهرجي، جيڪي خيرات گهرن ٿا سي اهڙا لعنتي ناهن، جيترو اهي ماڻهو جيڪي ڏين ٿا، خيرات سمجهي جنت ۾ هڪڙي ٿڏي ڪوٺي بڪ ڪرائڻ وارا سوداگر!

هن کي ڪيترا پيرا رپئي پئسي جي مدد وٺڻ لاءِ شهر جي دولتمند ماڻهن وٽ وڃڻو پيو— هن دولتمندن کان مدد ورتي— هنن جون ڪمزوريون انهن ئي وٽ وڪڻي-! ۽ هن اهو سودو ڪنهن اڇاڻ دوڪاندار وانگر ڪونه ڪيو- ”توهان شهر وارن جي صحت جا محافظ مقرر ڪيا ويا آهيو، پر حقيقت ۾ توهان بيمارين پيدا ڪرڻ جا ٺيڪيدار آهيو، حڪومت جي ڪتابن ۾ توهان جي نالي اڳيان هيلٿ آفيسر لکيو ويندو آ— پر منهنجي ڪتاب ۾ توهان جو نالو مرض وڪڻڻ وارن ۾ لکيل آهي— ليون ڏينهن توهان سنگتڙن جا به سئو

ڏوڪرا پاس ڪري موڪليا جوڪي طبي اصول جي مطابق ماڻهن جي صحت لاءِ سخت نقصانڪار هئا ــ ڏهه ڏينهن پهرين تقريباً ۽ هزار ڪيلن تي توهان پنهنجوُ اکيون بند ڪري ڇڏيون، جن ۾ هر هڪ بيماريءَ جي پڙي هئو ــ ۽ اڄ توهان ان پراڻي ۽ غليظ عمارت کي بچائي ورتو ـ جتي بيماريون ٿيون پيدا ٿين ٿيون.......“

عام طور تي هن کي اڳتي ڪجهه چوڻ جي ضرورت ئي پيش نه ايندي هئي ــ ان ڪري جو هن جو سودو تمام گهٽ ڳالهائڻ سان ئي پڪو ٿي ويندو هئو.

هو هڪڙي سستي ۽ بازاري قسم جي اخبار جو ايڊيٽر هئو، جنهن جي اشاعت ۾ سئو ڪان وڌيڪ نــه هئي، اصل ۾ هو اشاعت جو قائل ئي نه هو ـ هو چوندو هو ”جيڪي ماڻهو اخبار پڙهن ٿا سي بيوقوف آهن، ۽ جيڪي ماڻهو اخبار پڙهي ان ۾ لکيل ڳالهين تي يقين ڪن ٿا سي سيني ڪان وڏا بيوقوف آهن ـ جــن ماڻهن جي پنهنجي زندگي هنگامن سان پُر هجي، انهن جـو ڇپيل چيتڙن سان ڪهڙو مطلب؟“

هو اخبار ان ڪري ڪوند ڪيندو هئو تـه ڪو هن کي مضمون لکڻ جو شوق هئو يـا هو اخبار جي ذريعي سان شهرت حاصل ڪرڻ پيو چاهي ـ نه، بلڪل نـــه هڪ ٻن ڪلاڪن جي مصروفيت ڪان سواءِ، جيڪا سندس اخبار جي اشاعت لاءِ ضروري هئي، باقي سڄو وقت هو انهن خوابن جي تعبير ڏسڻ ۾ گذاريندو هئو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪي ڪيتري وقت کان هن جي ذهن ۾ موجود هئا. هو پنهنجي لاءِ هڪ اهڙو مقام ڳولهڻ پيو چاهي جتي ڪو هن کي تنگ نه ڪري— جتي هو اطمينان حاصل ڪري سگهي. پوءِ ڀلي اهو ٻن سيڪنڊن لاءِ ئي ڇو نه هجي—.

”جنگ جي ميدان ۾ فتح ڀلي ماڻهو مرڻ ڪندي ئي هجي ته نصيب ٿئي، پر ٿئي ضرور— ۽ جيڪڏهن شڪست ٿي وڃي، مرڻو پوي ته ڪهڙو حرج آ— شڪست کائيندا سين پر فتح حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي. موت انهن جو جيڪي موت کان ڊڄي ڀڄي وڃن، ۽ جيڪي زنده رهڻ جي ڪوشش ۾ موت کي چنبڙي پون. سي زنده آهن ۽ هميشه زنده رهندا. گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي لاءِ!“

دنيا هن جي خلاف هئي، جيڪو ماڻهو به هن سان ملندو هو ڪانئس نفرت ڪندو هو. هو خوش هو، نفرت ۽ محبت کان وڌيڪ تيزي هوندي آهي. جيڪڏهن سڀ ماڻهو مون سان محبت ڪرڻ شروع ڪري ڇڏن ته پوءِ مان ته ان قيمتي وانگر ٿي وڃان، جنهن کي هيٺ مٿي، اندر ٻاهر، هر جاءِ تي تيل ڏنو ويو هجي— مان ڪڏهن به ان گاڏيءَ کي اڳتي نه ڌڪي سگهندس، جنهن کي ماڻهو زندگي چوندا آهن.“

تقريباً سڀ هن جي خلاف هئا ۽ هو پنهنجي انهن مخالفن کي ائين ڏسندو هو ڄڻ موٽر جي انجڻ ۾ لڳل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرزن کي ڏسندو هجي ”اهي ڪڏهن ٿڌا نہ ٿيڻ کپن-“
۽ هن اڇا ڏاڍين انهن کي ٿڌو نہ ٿيڻ ڏنو هو، هو
ان آڙاهہ کي پرندو رکڻ پيو چاهي- جنهن تي پنهنجا
هٿ ڏئي هو ڪم ڪندو هئو- جنهن ڏينهن هو پنهنجي
مخالفن ۾ ڪي هن ڏنون ساڙهوءَ جو واڌارو ڏسندو هو ته پنهنجي
دل کي چوندو هو ”ج مون آڙاهہ ۾ هڪ ٻي سڪي
ڪاٺي وجهي ڇڏي آ، جيڪا گهٽي وقت ڏاڍون ٻرندي
رهندي.“

سندس هڪ دشمن ڪنهن جلسي ۾ هن جي خلاف
ڏاڍو زهر اوڳاڇيو، ايترڀقدر جو هن کي گاريون ٻه ڏناڏين
سندس ان دشمن جو خيال هو تہ اهي گاريون ٻڌي هن
جي ننڊ ڦٽي پوندي- پر هو تہ ان ڏينهن معمول کان
وڌيڪ آرام سان ستو- الٽو سندس دشمن جي ننڊ ڦٽي
پئي. سڄي رات اکين ۾ گذاريائين، سڄي رات ضمير
ستائيندو رهيس. نيٺ صبح جو اُٿي هن وٽ آيو ۽ معافي
گهرڻ لڳس- ”مون کي ڏاڍو افسوس آهي جو مون توهان
جهڙي بلند اخلاق انسان کي گاريون ڏنيون....دراصل
اصل ۾ اهو مون ڏاڍي ڏکڙ ۾ ڪيو، سوچڻ سمجهڻ
کان سواءِ.... مون کي ٻڙڪايو ويو هو- مان پنهنجي
ڪئي تي شرمنده آهيان، مون کي اميد آ تہ توهان مون
کي معاف ڪندا، مون کان تمام وڏي غلطي ٿي!“

بلند اخلاق! انهي لفظ اخلاق کان هن کي ڏاڍي
چڙ هئي- اخلاق— انسانيت جي منهن تي ٿهه، چڙهيل

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

اخلاق، اخلاق، اخلاق.... يعني ڇا؟
هي نه ڪر، هو نه ڪر جي ٻي معنيٰ وٺو — انسان جي آزاد سرگرمين تي سينسر!

ڪيس خبر هئي ته سندس ڪمزور دل دشمن ڪوڙ ڳالهايو هو- پر الائي ڇو هن کي ڪاوڙ ڪونه لڳي- مرڪو هن کي ائين محسوس ٿيو ته جيڪو ماڻهو معافي پيو گهري ان جي ڪا عزيز ترين شيءِ فنا ٿي وئي آ- هو ڏاڍو بي رحم سمجهيو ويندو هو — ۽ اصل ۾ هو هئو به ڏاڍو بي رحم، نرم و نازڪ جذبات کان سندس دل بلڪل خالي هئي — پر ان پٽ جهڙي دل تي هن کي ڪا شيءِ رڙهندي محسوس ٿي، ڪيس ان ماڻهوءَ تي رحم اچڻ لڳو —

"اڄ توڻ روحاني طور تي مري وئين ۽ مون کي تنهنجي ان موت تي افسوس آ!"

اهو ٻڌي هن جي دشمن کي وري گاريون ڏيڻيون پيون، پر سندس ڪنن تائين ڪو آواز ڪونه پهتو- گهڻو وقت ٿيو ته هو ان کي ڪنهن قبرستان ۾ دفن ڪري چڪو هئو.

ڇهن سالن کان هو ائين ئي پيو جيئي، زبردستي، دنيا جي مرضيءَ جي خلاف — گهٽيون ئي طاقتون ڪيس برباد ڪرڻ لاءِ آتيون هيون- پر هو پنهنجي وجود جو هڪ ذرو به جنگ ڪرڻ کان سواءِ هنن جي حوالي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ لاءِ تيار نه هو— جنگ، جنگ، جنگ- هر دشمن طاقت خلاف جنگ- رحم کان بي خبر، عشق و محبت کان پرهيز- اميد، خوف ۽ استقبال کان بيگانو- ۽ پوءِ جيڪو ٿئي سو ٿئي!!

چئن سالن کان هو زماني جي تيز هوائن ۾ هڪ مضبوط ڏگهي وڻ وانگر بيٺو هو- سنڌ جي مٺا سٺا تي سکهي ٿو هن جي جسم تي اثر ڪيو هجي، پر سندس روح تي اڃان تائين ڪو اثر نه- ٿيو هو. اهو ساڳيو اهڙي جو اهڙو هئو— جهڙو چار سال پهرين هو- لوهه وانگر سخت- اها سختي قدرت جي طرفان نه- هئي پر هن پاڻ پيدا ڪئي هئي. هو چوندو هو. ”نرم و نازڪ روح کي پنهنجي سيني ۾ رکي ڏون زماني جي سخت زمين تي نٿو هلي سگهجي. جيڪو گل جي پتيءَ سان هيري جو جگر ڪپڻ چاهي انهي کي پاڳل خاني ۾ بند ڪرڻ کپي—“

شاعرانه خيالن کي هن پنهنجي دماغ ۾ ڪڏهن جاءِ نه ڏني ۽ جيڪڏهن غير ارادي طور تي اهڙا خيال سندس دماغ ۾ پيدا ٿي ويندا هئا ته هو انهن ”حرامي ٻارن“ جي هڪدم نڙي گهٽيندو هو- هو چوندو هو ”مان انهن ٻارن جو ٻيءُ نٿو ٿيڻ چاهيان جيڪي منهنجي ڪلهن تي بار ٿي پون-“

هن پنهنجي حياتيءَ جي ساز جا سڀ تار پٽي اڇلائي ڇڏيا هئا جن مان نرم و نازڪ سر نڪرندا آهن-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”زندگيءَ جو صرف هڪڙو ساز آ جيڪو رجز آهي، جيڪو اڳتي وڌڻ، حملو ڪرڻ، مرڻ ۽ مارڻ جو جذبو پيدا ڪري ٿو ـــ ان ساز کان سواءِ باقي سڀ راڳ فضول آهن، جيڪي جسم تي ڏک ڇاڙهي ڇڏيندا آهن.“

سندس دل جوانيءَ جي باوجود عشق و محبت کان خالي هئي- هن جي نظرن اڏو هزارين خوب صورت ڇوڪريون ۽ عورتون گذري چڪيون هيون- پر انهن مان ڪنهن هڪ به سندس دل تي اثر نه ڪيو هو- هو چوندو هو- ”هن پٿر ۾ عشق جا جيوڙا نٿا اڀي سگهن!“

هو اڪيلو هو- بلڪل اڪيلو- ڪجهيءَ جي ان وڻ وانگر جيڪو ڪنهن ٿلهل واريءَ ۾ اڪيلو بيٺو هجي- پر هو ان اڪيلائي کان ڪڏهن نه گهبرائيندو هو، اصل ۾ هو اڪيلو ڪڏهن هوندو ئي ڪونه هو- ”جڏهن مان ڪم ۾ مشغول هوندو آهيان ته اهوئي منهنجو ساٿي هوندو آ ـــ ۽ جڏهن مان ان کان واندو ٿيندو آهيان ته منهنجا پيا ويچار منهنجي آس پاس گڏ ٿي ويندا آهن- مان سدائين پنهنجي دوستن جي محفل ۾ هوندو آهيان.“

هو پنهنجا ڏينهن ائين گذاريندو هو جڻ انب کائيندو هجي، شام جو جڏهن هنڌ تي ليٽندو هو ته ائين محسوس ڪندو هو جڻ هن ڏينهن کي چوسيل ڪکڙيءَ وانگر اڇلائي ڇڏيو هجي- جيڪڏهن توهان سندس ڪمري جي پٽ هجو ها ته اهي لفظ وري توهان جي ڪنن

سان ڏڪرائجن ها، جيڪي سمهڻ وقت هن جي زبان مان نڪرندا هئا. ”اڄ جو ڏينهن ڪهڙو ڪنو هئو — هن سال جي نوڪري ۾ جي پيا ڏينهن به اهڙي ئي قسم جا هوندا ته مزو اچي ويندو!“ ۽ راتيون — ٿوري روشني هجن ۾ اونداهيون — سندس نظر ۾ طوائفون هيون، جن کي هو سڄ اپرندي ئي وساري ڇڏيندو هو.

ڇهن سالن کان هو انهن ئي پيو زندگي گذاري. انهن لڳو هو ڇڻ هو ڪنهن اتانهين جاء تي ويٺو هجي، هتوڙو ڪٿي، زماني جو لوهي ڦيٿو هن جي سامهون پيو گذري ۽ هو ان ڦيٿي تي پنهنجي هٿوڙي سان ٺڪ هڻي پنهنجا ڏيا هڻندو ٿو وڃي. هڪ ڏينهن جڏهن گذري ٿو ته هو ڦيٿي کي ٿوري دير لاء جهلي ٿو وٺي ۽ پوء ڇڏي، چوي ٿو ”هاڻي وڃ. سان توکي چڱي طرح استعمال ڪري چڪو آهيان.“

ڪجهه ماڻهن کي افسوس ٿيندو آ ته اسان فلاڻو ڪم فلاڻي وقت تي ڇو نه ڪيو. ۽ اهو پڇتاء هو گهڻي دير تائين محسوس ڪندا آهن. پر هن کي اڃا تائين ان قسم جو افسوس يا ڏک نه ٿيو...... جيڪو وقت سوچڻ ۾ ضايع ٿيندو آ، هو ان مان بنا سوچڻ سمجهڻ جو فائدو وٺڻ جي ڪوشش ڪندو هو. پوء پلي ڪيس نقصان ڏي ڇو نه ٿئي. جيڪڏهن سوچي سمجهي هلڻ ۾ فائدو هجي ها ته پيغمبرن ۽ نيڪ ماڻهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي زندگي ڏکن ۽ مصيبتن سان پريل هرگز نہ هجي ها- جيڪي هر ڪم سوچي سمجهي ڪندا هئا. جڏهن سوچ ويچار ڪرڻ کان پوءِ بہ نقصان ٿئي يا ناڪاميءَ کي منهن ڏيڻو پوي تہ پوءِ ڇا ان کان بهتر ناهي تہ سوچ ويچار ۾ هوڻ کان سواءِ ئي نتيجن کي منهن ڏجي!“

انهن چئن سالن ۾ هن ڪيئي هزارين ناڪامين کي منهن ڏيڻو پيو، رڳو منهن نہ ڏيڻو پيو، پر مٿي کان پير تائين ڏسڻو پيو— پر هو پنهنجي اصول تي ائين ئي قائم رهيو جيئن تيز لهرن ۾ ڪو جبل بيٺو هجي.

اڄ رات ٻارهين بجي کان پوءِ ئي نئون سال سندس سامهون پهتي آيو ۽ پراڻي سال کي هو هضم ڪري ويو هو، بنا اوڳرائي ڏيڻ جي—

نئين سال جي اچڻ تي هو خوش هو، جيئن ملهہ جي ميدان ۾ ڪو نامور پهلوان پنهنجي نئين مخالف پهلوان ڏانهن ڏوڪيندو وڌندو آهي— تيئن هو نئين سال جي مقابلي لاءِ هٿيار ڪڍي تيار ٿي بيٺو هو- هاڻي هو بلند آواز ۾ چئي رهيو هو ”مان تو جهڙن چئن پهلوانن کي هارائي چڪو آهيان، هاڻي تو کي بہ ڦهڪو ڪري ڪيرائيندس-“

دل پري خوشي ماهوڻ کان پوءِ هو نئين ڪئلينڊر ڏانهن وڌيو، جيڪو هڪ ميري ڀت تي مٽيءَ پاسي لڳل هو— تاريخ واري پاسي کان هن هڪ ست سان مٿيون ڪاغذ پري ڪري ڇيو ”ڏورو پردو تہ هٽاءِ—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏسان ڪهڙي شڪل آ تنهنجي...... مان آهيان تنهنجو مالڪ، تنهنجو آقا.... تنهنجو سڀ ڪجهه!"

پهرين جنوريءَ جي تاريخ جو پنو ظاهر ٿيو. هڪڙو ٺهڪ بلند ٿيو ۽ هن چيو—

"سڀاڻي رات تون به فنا ٿي ويندين!"

ترجمو: صبيحه قاضي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

برقعو

ظهير جڏهن ٽرڊ ايئر ۾ پهتو ته هن هڪ ڏينهن محسوس ڪيو ته ڪيس عشق ٿي ويو، ۽ عشق به اهڙو جــــو هڪ ئي قسم جو.

ٽرڊ ايئر ۾ داخلا ملڻ ڪان پوءِ پهرين ڏينهن جڏهن ڪاليج ڪان گهر پهتو ته ا دل ۾ ڏاڍو خوش هو ڇو ته ڪيس داخلا نه پر لڪل خزانو مليو هجي. هو جيئن ئي گهر ۾ داخل ٿيڻ وارو هو ته هن جي نظر هڪ ٽانگي تي پئي ۽ ٽانگي مان لهندڙ هڪ ڇوڪري. هن ٽانگي مان لهندي هزارين ڇوڪريون ڏٺيون هيون پر هي ڇوڪري سندس دل جي پاتال ۾ پهچي وئي.

ڇوڪري ٽانگي واري کي ڀاڙو ڏئي ظهير جي پر واري گهر ۾ داخل ٿي. ظهير سوچيو ته هو ان جي موجودگي ڪان ايترو غافل ڪيئن رهيو آهي.

حقيقت هي هئي ته ظهير آواره قسم جــو نوجوان ڪونه هيو. هن کي صرف پنهنجي ذات سان دلچسپي هئي. سوير اٿندو، ڪاليج ويندو، ليڪچر ٻڌندو ۽ گهر واپس ايندو، ٿورو آرام ڪندو ۽ پوءِ پڙهائي ۾ مصروف.

هونئن به ڪاليج ۾ ڪيتريون ڇـوڪريون سندس ڪلاس سيٽ هيون پر هن اڄ تائين ڪنهن مان نــــه ڳالهايو هو. اها ڳالهه ڪونه هئي ته هو ڪو رکو هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر حقيقت ۾ ته هن جو سڄو وقت پڙهائي ۾ گذرندو هو. پر جڏهن هن ٻهريون پيرو ان ڇوڪري کي ڏٺو هو ته ان ڏينهن جو پوليٽڪل سائنس جو ليڪچر ۽ حافظ جا شعر ڦر ڪري سندس ذهن مان اڏامي ويا. صرف هو انهن هٿن بابت سوچڻ لڳو هو جنهن ۾ هن ڪتاب ڏنا هئا. سنهڙيون- سنهڙيون اڇيون آڱريون.

ظهير ان جي صورت ڏسڻ چاهي پر هن جي برقعي جو ڪپڙو ايترو ته ٿلهو هو جو ڪيس ڪجهه به نظر نه آيو. ڇوڪري تيز تيز وکون کڻي هن جي پر واري گهر ۾ هلي وئي هئي پر هو اڃا تائين آت بت ٿيو بيٺو رهيو. هن سوچيو ٿي ته ايترو ويجهو هوندي به چان سڃاڻ ڪونهي.

گهر ۾ گهڙندي ئي هن ماءُ کان سوال ڪيو.

”اسان جي پاڙي ۾ ڪير رهن ٿا؟“

سندس ماءُ لاءِ اهو سوال حيرت ۾ وجهندڙ هو.

”ڇو؟“

”بس ائين ئي پڇيم-“

”ٽي ڀينر ۽ هڪ ڀاءُ آهن: سندن ماءُ پيءُ مري چڪا آهن، سندن ڀاءُ وڏو آهي اهوئي سندن لاءِ سڀ ڪجهه آهي. ڏاڍو سٺو ڇوڪر آهي. هن پنهنجي شادي ان لاءِ نه ڪئي آهي ته پهريون سندس ڪلهن تان ڀينرن جو بار لهي.

ظهير کي انهن ڳالهين سان ڪابه دلچسپي نه هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو صرف چاڻ چاهي پيو ته ان ڇوڪري جي باري ۾ جيڪا هٿ ۾ ڪتاب کڻي ناز سان پر واري گهر ۾ داخل ٿي هئي. ۽ هوءَ انهن ڏينهن مان هڪ هئي.

ماني ڪاڻي هو پڪي هيٺان ليٽي پيو. هن جي عادت هئي ته ماني کاڻ کان پوءِ هڪ ڪلاڪ ضرور سمهندو هو پر ان ڏينهن ڪيس ننڊ نه آئي. سوچون وڻ ويڙهي جيان وڪوڙي ويس.

ڪئي ڏينهن گذريا پر وري ان ڇوڪري سان ميل نه ٿيو. ڪئي ڏينهن هو گهر جي ڇت تي بيهي ان جي اچڻ جي اوسيڙي ۾ رهيو. پر هن ڪي نه اچڻو هو نه آئي. ظهير مايوس ٿي ويو. هن سوچيو هي ڳالهيون سڀ بيڪار آهن، پر عشق ڪيس بيهڻ نٿي ڏنو.

هن آخر ۾ سوچيو ته ڇا به ٿي پوي هو ان ميدان ۾ مڙس ماڻهو نڪرندو

گهڻن ڏينهن ڪانپوءِ جڏهن هو ڪاليج کان واپس وريو ٿي ته هن پنهنجي اڳيان هڪ ٽانگو ڏٺو. جنهن ۾ برقعي واري ڇوڪري ويٺي هئي. هن جو اندازو بلڪل ٺيڪ نڪتو ڇو ته اهائي ڇوڪري هئي. ٽانگو بيٺو ظهير به سائيڪل تان لهي بيٺو. ڇوڪري جي هڪ هٿ ۾ ڪتاب هئا ۽ ٻئي هٿ سان هن ٻاڙو ادا ڪيو ۽ هلڻ لڳي، پر ٽانگي واري کيس پويان سڏ ڪيو.

”اي بيبي اوهان ڇا ڏنو“

هن جي لهجي ۾ بدتميزي هئي. ڇوڪري بيٺي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

برقعي جي نقاب مان ٽانگي واري کي ڏٺو. ”ڇا ڳالهه آهي؟“

ٽانگي وارو لهي آيو ۽ هن جي هٿ تي اٺ آنا رکي چوڻ لڳو ”اٺ آنا ڪرايو نه ٿيندو.“

ڇوڪري ڏڪندڙ لهجي ۾ وراڻيو. ”مان روزانو ايترو ڏيندي آهيان.“

ٽانگي وارو ڏاڍو واهيات هو، چوڻ لڳو.

”اوهان سان رعايت ڪندم پر —!“

اهو ٻڌي ظهير جوش ۾ اچي ويو، سائيڪل ڦٽي ڪري، سڌو اچي ٽانگي واري کي هڪ ٺونشو وهائي ڪڍيو. هو ٽڙي ڪري پيو. ظهير ڇوڪري کي چيو، ”اوهان وڃو مان هن حرامي سان پاڻ ئي منهن ڏيندس.“

ڇوڪري چوڻ چاهيو شايد مهرباني جا لفظ نڙي ۾ اٽڪي پيس، هوءَ ڪجهه چوڻ بنائي هلي وئي.

ظهير ڏاڍو خوش هو ڇو جو پنهنجي محبوبه جي اکيان بهادري ڏيکاري هئي. ۽ هن ائين ٻــ محسوس ڪيو هو ته ڇوڪريءَ گهر ۾ گهڙندي هن کي غور سان تڪيو هو.

ان بعد ئي ظهير مٿي ڪان پيرن تائين هن جي عشق ۾ گرفتار ٿي ويو. ۽ هن پنهنجي ماءُ کان جاچ ڪري هن جو نالو ڄاڻي ورتو هو. ياسمين هن جي محبوبه جو نالو هو.

نالي ڄاڻڻ کانپوءِ هن سوچيو ته پنهنجي محبوبه کي

هڪ زوردار خط لکي. هن ڪيئي خط لکيا ۽ ڦاڙي ڇڏيا پر آخرڪار هن هڪ ڊگهو خط لکي رکيو ۽ سوچيو ته هن کي اهو خط ضرور ڏيندو.

گهڻن ڏينهن کانپوءِ ظهير سائيڪل تي ڪاليج کان واپس وريو ٿي ته هن جي نظر سامهون ويندڙ ٽانگي تي پئي جنهن ۾ ياسمين ويٺل هئي. هوءَ جڏهن گهر وڃڻ لڳي هئي ته هن همت ڪري، کيسي مان خط ڪڍي ان کي ڏيندي چيو.

”هي اوهان جو ٽانگي ۾ وسري ويو هو.“

ياسمين هن کي برقعي مان گهور ڪري ڏٺو ۽ پوءِ مرڪي چيو.

”مهرباني“

اهو چوندي ئي هوءَ هلي وئي. ظهير پرسڪون ٿي ويو پر سندس دل زور زور سان ڌڙڪي رهي هئي ڇو جو هن کي پتو نٿي پيو ته خط جو حشر ڇا ٿيندو. اڃا اتي ئي بيهي حشر متعلق سوچي رهيو هو ته هڪ ٻيو ٽانگو اچي بيٺو. ان مان به هڪ برقعي واري ڇوڪري لٿي ۽ ڪرايو ادا ڪري گهر هلي وئي پر ظهير کي ائين لڳو ته اها ڇڻ ياسمين هجي. ظهير سوچيو ته شايد اها سندس ننڍي ڀيڻ هجي.

ظهير خط ڏئي اهو سمجهيو ٿي ته ڄڻ اڌ فتح حاصل ڪري چڪو آهي. پر ٻئي ڏينهن هڪ ننڍڙي ڇوڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي هٿان ڪيس هڪ ڪاغذ جو ٽڪر مليو ته هن کي يقين ٿي ويو ته هن سچي فتح حاصل ڪئي آهي. ڪاغذ تي لکيل هو.

”اوهان جو محبت نامو مليو. جن جذبات جو اوهان ذڪر ڪيو آهي ان متعلق مان ڇا چوان- مان اوهان جي پانهي آهيان -“

اهو پنو پڙهندي ڏي ظهير جي واڇ گودو ٿي وڃي- ڪوبه پيرڊ اٽينڊ ڪري نه سگهيو رکو وتيو ٿي باغ ۾ ڦيرا پائيندو ۽ ڪاغذ پڙهندو.

ٻه ڏينهن گذري ويا پر ياسمين سان سندس ڏيک ويک نه ٿي. هن کي سخت ڳڻتي ٿي چو ته هن هڪ ٻگهو خط لکي رکيو هو ۽ هن کي ڏيڻ ٿي چاهيو.

ٽئين ڏينهن ظهير کي هو ٽانگي تي نظر آئي. جڏهن هن ياڙو ڏنو ۽ وڃڻ لڳي ته ظهير سائيڪل کي هڪ پاسي اڇلائي هن ڏانهن مڙيو- ۽ ياسمين جو هٿ پڪڙيندي چيو -

”سرڪار هي چند ڪاغذ اوهان جا ٽانگي ۾ رهجي ويا هئا.“ ياسمين ڪاوڙ مان هٿ کي جهٽڪو ڏئي هن کان هٿ ڇڏايو ۽ تکي لهجي ۾ چيو.

”بدتميز- توکي شرم ڪونه ٿو اچي-“

اهو چئي هوءَ هلي وئي. ۽ ظهير جا محبت ڀريل خط هوا ۾ وکري هيڏانهن هوڏانهن ڌرتي تي ڦهلجي ويا. هو وائڙو هو ته جا ڇوڪري چئي سگهي ٿي ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان تنهنجي ٻانهي آهيان. سا وري اهڙو رويو ڪيئن اختيار ڪري سگهي ٿي هن سوچيو ته شايد اهو به هن جو انداز هجي.

ڏينهن گذرندا رهيا. ظهير جي ذهن تي ياسمين جا اهي لفظ هر وقت سوار رهيا. بدتميز توکي شرم نٿو اچي، پر ان سان گڏ ڪيس اهي لفظ به چٽي نموني ياد هئا ته "مان تنهنجي ٻانهي آهيان."

ظهير ان دوران ڪيئي خط لکيا ۽ ڦاڙي ڇڏيا. هن سوچيو ته سڀني لفظن ۾ هو ياسمين کي چوي ته هن سندس محبت جي توهين ڪئي آهي. پر هن کي لفظ نٿي مليا. خط لکيا ٿي پر سڀ بيڪار. ان ڪري هن سڀ خط ڦاڙي ٿي ڇڏيا.

هڪ ڏينهن هن وٽ هڪ ڇوڪر ڇپي ڪٽي آيو. ۽ کيس هٿ ۾ ڏئي هليو ويو. هن سائيڪل جي هوا ڀرڻ جي پمپ هڪ پاسي رکي اهو لفافو کوليو هڪ ننڍڙي پني تي لکيل هو.

"اوهان ايترو جلد مون کي وساري ويٺا. ڪيڏانهن ويا اوهان جا وعدا. خير اوهان وساريو ته ڀلي وساريو پر هي ٻانهي ڪڏهن به وساري نٿي سگهي."

ظهير حيران پريشان ٿي ويو. هن اها چٺي ور ور ڪري پڙهي. سندس سامهون ڏانگي ۾ ياسمين وٺي پي هن تڪڙ ڪئي ۽ ڏانگي هلڻ ڪان اڳ ڏي هن ياسمين جي پير ۾ اينڊي ڇهو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”توهان جي چٺي ملي- خدا واسطي پاڻ کي ٻانهي نه چوندي ڪر. مون کي ڏک ٿيندو آهي.“

ياسمين برقعي جو پلئو مٿي ڪيو ۽ ڪاوڙ وچان چوڻ لڳي-

”بدتميز — توکي شرم نٿو اچي. مان تنهنجي ماءُ کي اڄ ئي چوندس تہ، تون مون سان حرڪت پيو ڪرين.“

ٽانگو پل ڪري ۾ اکين اڳيان غائب ٿي ويو. ظهير جي هٿ ۾ چٺي رهجي وئي ۽ سوچيندو رهيو تہ هي ڇا پيو ٿئي. هڪ پاسي اقرار ٻئي پاسي انڪار. پر هو هن جي ذهن ۾ هڪڙي ڳالهہ پئي آئي تہ اهو محبوبن جو انداز آهي. هو چاهيندڙيون آهن تہ، اهڙي ڪامل نموني رستي تي هن سان اهڙو اظهار نہ ڪيو وڃي. خط و ڪتابت سان ئي سڀ ڳالهيون حل ڪيون وڃن.

ان ڪري ٻئي ڏينهن تي هن هڪ ٻيو خط لکيو ۽ هو جڏهن ڪاليج کان واپس وريو تہ هن ياسمين کي ٽانگي ۾ ڏٺو جيڪا ٽانگي کان لهي پاڙو ڏئي رهي هئي. هن هڪ پاسي سائيڪل بيهاري خط هن جي هٿ ۾ ڏئي ڇڏيو هن ڪجهہ نہ ڪڇيو صرف برقعي مان ظهير ڏي نهاري هلي وئي.

ظهير ائين محسوس ڪيو تہ هوءَ برقعي اندران مرڪي رهي هئي. هن جو حوصلو وڌي ويو. انڪري ٻئي ڏينهن هو جيئن ئي ڪاليج وڃڻ لاءِ گهر کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻاهر نڪتو ته هوءَ بيڊل هئي. شايد ٽانگي جو اوسيڙو پئي ڪيائين. سڄي هٿ ۾ ڪتاب هيس ۽ ڪاٻو هٿ خالي هيس جيڪو هوا ۾ جهوليو ٿي.

ميدان خالي هو يعني بازار ۾ آمدرفت ڪونه هئي. ظهير موقعي جو فائدو وٺڻ خاطر، هٿ ۾ حوصلو ڪري ان جي پر ۾ اچي بيٺو ۽ هن جو هڪ هٿ پنهنجي هٿ ۾ ڪري جذباتي لهجي ۾ وراڻيو ته ڊارلنگ اها ڪهڙي شرافت آهي، هڪ پاسي تون خطن ۾ پيار جو اقرار پئي ڪرين ته ٻئي ڪرين ۽ ٻئي طرف گاريون پئي ڏئين.

ظهير اڃان مس ابتدائي لفظ چيا ته ياسمين سينڊل لاهي هن جي مٿان وسڪارو لائي ڏنو. ظهير جا حوصلا خطا ٿي ويا. ياسمين هن کي بيشمار گاريون ڏنيون پر هن جي حوصلي خطا ٿيڻ سان هن هڪ ٻه گار نه ٻڌي. هو واٺڙو ٿي پنهنجي گهر طرف وڌيو مٿان ڪو ڏسي وٺي. هن سائيڪل ڪنئي ۽ ڪاليج ڏانهن وڃڻ وارو ٿي هو ته ٽانگو هليو ۽ ياسمين هلي وئي. هن کي مس مس سانت آئي. ايتري ۾ هڪ برقعي واري ٻي ڇوڪري ان ئي گهر مان نڪتي جنهن گهر مان ياسمين نڪتي هئي هن ظهير کي ڏسي هٿ سان اشارو ڪيو پر ظهير ڊنل هو بيٺو رهيو.

جڏهن ڇوڪريءَ ڏٺو ته ظهير نه چريو ته هوءَ سندس پر ۾ ايندي هڪ ڪاغذ جو پرزو سندس اکيان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيرائي هلي وئي.

”ظهير ڪاغذ ڪنهڙو لکيل هو.

”توُن مون کي ڪيستائين بيوقوف بڻائيندين تنهنجي ماءُ منهنجي ماءُ سان ڇو نٿي ملي. اڄ ٻپهري سينيما تي مل- ٺيڪ ٣ بجي.

تنهنجي پروين

ترجمو- رانجهو جمالي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غسل خانو

وڏي دروازي وٽان اندران اينديءَ ڏاڪڻين جي پڙ ۾ هڪ ننڍڙي ڪوٺي آهـــي جنهن ۾ ڪڏهن ڇيڻا ۽ ڪنيون رکيا ويندا هئا پر هيٺئر ان ۾ نل لڳائي مردانو غسل خانو ٺاهيو ويو آهي. فرش مضبوط بڻايو ويو آهي. ڇاڪاڻ ته گهر جي پيڙهه ۾ پاڻي نه هليو وڃي. هـن ۾ صرف هڪڙي دري آهي جيڪا ٻاهريـن گهٽيءَ ڏانهن کلي ٿي. هن ۾ رنگ لڳل شيخون لڳل آهن.

مان پنجين درجي ۾ پڙهندو هوس جڏهن اهو غسل خانو منهنجي زندگيءَ ۾ داخل ٿيو. توهان کي تعجب ٿيندو ته غسل خانا انساني زندگيءَ ۾ ڪيئن داخل ٿين ٿـــا. منهنجي ڪهاڻي پڙندا ته اوهان کي ڄاڻ پوندي تـه هي غسل خانو منهنجي زندگيءَ ۾ ڪيئن داخل ٿيو ۽ منهنجي زندگي جو حصو بڻجي ويو.

هونئن ته مان غسل خاني کان ان وقت کان واقف آهياز جڏهن هن ۾ ڇيڻا وغيره پيل هوندا هئا.

هڪ ڏينهن جي ڳالهه آهي تـه اسڪول کان گهر ايندي سردار دوهاسنگهه ميوي فروش وٽان هڪڏاڙهون چورايم مان ۽ منهنجا دوست هر روز اتان ڪجهه نـه ڪجهه چورائيندا هئاسين سردار دوها سنگهه سڄو ڏينهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نشي ۾ الوٽ پيو هوندو هو، پـر اسان وٽ ئي چوري ڪونه ڪندا هئاسين، ڪڏهن ٻـه چار انگور، ڪڏهن ڪو صوف، ڪڏهن ٻاڪ وغيره. هڪ ڏينهن مـون زيادتي ڪئي ۽ پڪڙجي پيس.

دوهه‌اسنگهه، هڪدم پنهنجي ابدي نند مان جاڳيو تيزي ۾ ڦڙتي سان دڪان تان لهي مون کي پڪڙيو جو مان دنگ رهجي ويس. ان سان گڏ منهنجا حواس خطا ٿي وياه. پهريون ته مان چوريءَ کي رانند سمجهندو هوس پر جڏهن سردار جا پادر ڪاڏم ڏـه خبر پئي ته، چوري ڇاهي!

ننڍپڻ کان ئي مون کي اهو خيال رهيو آهي ته ماڻهن جي اڳو ذليل نه ٿيان. پوءِ جڏهن پريل بازار ۾ پاڻکي ذليل ٿيندو ڏٺم ته سردارجي کان معافي ورتم اڳتي لاءِ توبهه ڪيم. هن جي دل ڏاڍو چڱي‌هئي. مون کان ڏاڙهون ڦري، ٽوڪري ۾ رکندي چيو.

”وڪيل صاحب اچي ته انکي ٻڌايان ٿو ته تنهنجي پٽ هاڻي چوري ڪرڻ شروع ڪئي آهي.“

منهنجي دل ٻيهجي وئي، مـان سمجهيم تـه جلدي جان ڇٽي. مون دل ۾ سوچيو ته جيڪڏهن هي‌ڪمبخت سردار جي بابي سان ڳالهه ڪئي ته بابو واويلا ڪندي سڄي گهر کي منهنجي چوري بابت ٻڌائيندو.

جنهن وقت سردار بابي جـو نالو ورتو، منهنجي اکين اڳيان بابي جي تصوير اچي وئـي. پريل ٿيلهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي ڪچ ۾ ڪورو ٿي ويو. ٽنگن مان طاقت نڪري وئي. دل ڌڙڪڻ لڳي. هر هر بابي جي غصي واري شڪل اکين اڳيان ڦرڻ لڳي.

سخت پريشاني جي عالم ۾ گهر پهتس. غسل خاني وٽ رڪجي سوچڻ لڳس ته جيڪڏهن واقعي سردارجي بابي کي منهنجي چوري متعلق ٻڌايو ته گهر ۾ طوفان اچي ويندو. بابو سڀ ڪجهه معاف ڪري ڇڏيندو. هو پر چوري ڪڏهن معاف نه ڪندو هو.

اسان جي پراڻي نوڪر نبوءَ هڪ دفعي ڏهه روپيا امان جا چورايا. امان هن کي معاف ڪري ڇڏيو پر جڏهن بابي کي خبر پئي ته هن کي ڪيڏي ڇڏيو ۽ چيائين:

”مان پنهنجي گهر ۾ ڪنهن چور کي نٿو رهائي سگهان.“

هن جا اهي لفظ منهنجي ڪنن ۾ ڪئين دفعا گونجڻ لڳا. مان مٿي وڃڻ لاءِ اڃان پير ڏاڪي تي رکيا هيم ته هن جو آواز آيو. خبر ناهي هو منهنجي وڏي ڀاءُ کي ڇا چئي رهيو هو پر مان سمجهيم ته هو نبوءَ کي گهر کان ڪيڏي رهيو هو ۽ منهنجي ڪنن تي اهي آواز اچي رهيا هئا.

”مان پنهنجي گهر ۾ ڪنهن چور کي رهائي نٿو سگهان.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجا پير ڪوڙا ٿي ويا، ۽ مٿي وچڙ بدران هيٺ لهي آيس. خبر ناهي دل ۾ ڇا ٿيو، مان غسلخاني ۾ وڃي سچي دل سان دعا گهري ته بابي کي منهنجي چوري جي ڄاڻ نه پوي، دعا گهرڻ کان پوء منهنجي دل جو بار هلڪو ٿيو، ان ڪري مان مٿي هليو ويس.

خدا منهنجي دعا قبول ڪئي. سردار دوهـا سنگهه جي دڪان اڃا قائم آهي پر اڃا تائين بابي سان چوري جو ذڪر نه ڪيو اٿس. فسل خانو اتان کان منهنجي زندگيءَ ۾ داخل ٿيو.

هڪ دفعو ٻهر اهڙي ڳالهه وري ٿي، مان مزي خاطر بازار ۾ ٻهريون دفعو سگريٽ پيئندو ٿي ويس ته بابي جي دوست ڏسي ورتو. ان ڪاوڙ وچان سگريٽ کي اڇلائي ڇڏيو ۽ چيائين، ”تون ڏاڍو آواره ٿي ويو آهين توکي وڏن جو خيال ڪونهي. تنهنجي بابي کي چئي اڄ ئي توکي مار ڪيرايان ٿو.“

ڏاڙهون جي چوريءَ جي بنسبت سگريٽ پيڻ اڃا به خطرناڪ هيو. منهنجو بابو خود سگريٽ پيئندو هو پر پنهنجي اولاد لاءِ انهي کي سختي سان منع ڪئي هئي. هڪ ڏينهن منهنجي پاءُ جي کيسي مان سگريٽن جو پاڪيٽ نڪتو هو ته هن کي هڪ ٿڦڙ وهائيندي چيو هئائين،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"جيڪڏهن مان پهر توکي سگريٽ ڏنو ته توکي ان ڏينهن گهر مان ڪيڏي ڇڏيندس."

منهنجو پاءُ سمجهي ويو هو ۽ هر روز هـو هڪ سگريٽ آڻيندو هو ۽ لڪي لڪي پيئندو هو.

مان پنهنجي پاءُ کان ٻي سال ننڍو آهيان، ظاهر آ جيڪڏهن منهنجو سگريٽ پيڻ اهو بـه کلي بـازار ۾ بابو ڪنهن به نموني برداشت نه ڪري ها. منهنجي پاءُ ثقلين کي ته بابي صرف ڌمڪي ڏني هئي پـر مون کي ته يقينن گهر کان ڪيڏي ڇڏي ها.

گهڙ ۾ گهرڻ کان اڳ ۾ غسلخاني ۾ دل سان دعاگهري ته اي رب منهنجي پيءُ کي منهنجي سگريٽ پيڻ جي چاڻ نه پوي. دعـا گهرڻ کان پوء منهنجي دل مان خوف گهٽيو ۽ مٿي هليو ويس.

اوهان چوندا ته هرويرو غسلخاني ۾ وڃي دعا ڇو گهرجي پيا هند به آهن. بابي کي چاڻ نه پئي ڇاڪاڻ جو بابي جو دوست انهي ڏي شام جو ڪلڪتي هليو ويو. جتي هو مستقل رهي پيو.

غسل خاني تي اچا پختو يقين ان لاءِ ٿيو جو مان ڏهين درجي ۾ دعـا گهري ۽ قبول پئي. ميٽرڪ جو پيپر هو. مان غسل خاني ۾ وڃي سڄو ڪتاب ڦاڙي پاڻوٽ رکيو ۽ دعا گهري ته ڪنهن مٿان بيهڻ استاد

جي نظر نه پوي ۽ مان ڪاپي چڱي نموني ڪري وٺان ۽ ٿمو به اٿمن.

هڪ دفعو نه ڪيئي دفعا اٿمن ٿمو غسل خاني ۾ گهريل هر دعا قبول ٿئي. منهنجي پاڻ کي اها خبر هئي پر اهو اهي ڳالهيون فالتو سمجهندو هو. چا بس تي هئي منهنجو تجربو آهي ته غسل خاني ۾ گهريل دعا قبول پئي. مان پين هنڌن تي به دعا گهري ڪتي به قبول نه ٿئي. اٿمن چو ٿمو ان جو ڪمر جواب ڏئي.

چند سال اڳ جو هڪ دلچسپ واقعو اوهان کي ٻڌايان ٿو. منهنجي چاچي جي شادي هئي. ان واسطي هو سينگاپور کان آيو هو. هن جو گهر ۽ اسان جو گهر گڏوگڏ هئا. ان ڪري جيڪا رونق هن جي گهر ۾ هئي سا اسان جي گهر ۾ به هئي. بلڪ اسان جي گهر ۾ رونق هئي، چو جو ڇوڪري وارا اسان جي گهر ۾ ترسيل هئا. اڌ رات جو دهلن جو آوازگونجندو هو. ٽيندڙ ڪنوار سان ڇيڙڇاڙ، تولي، مهندي، هارنجون رڙيون. ڪنوارين ڇوڪرين جون مستيون، سينڌلن جا آواز، مطلب ته هر وقت هڪ هنگامو مچيل هو.

جڏهن اهڙا هنگاما ٿيندا ته ان وقت ڇوڪرين کي تنگ ڪرڻ ۾ مزو ايندو آهي. يا ڪٿي اٿمن چئو ته ڇوڪرين کي تنگ ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي. اسان جو هڪ مائٽ هيو. ان جي ڇوڪري مون کي ڏاڍو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پسند هئي. جيڪا اڳ ٻه ٽي دفعا اچي چڪي هئي.
هن کي هٿ لائبو ته ڪلهه جا ڦهارا نڪري ويندا هيس
هن جي چپن، اکين جي ڪنارن، ڳلن جي پاپڙن ۽
چهري جي هترادو ڪاوڙ هر وقت ڪل لاءِ ڦاٽندا هئا.
مون انکي تنگ ڪرڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو هوس.

خدا جو ڪرڻ وري ڏسو، ڏاڪڻ جي ٻتي خراب ٿي وئي. بلب فيوز ٿيو يا خدا ڄاڻي ڇا ٿيو بهرحال سلو ٿيو. هوءَ هر هر لهي چڙهي پئي چڙهندي مون سان ضرور ساهون ٽٽي پئي ۽ مـــان اونداهي جـو فائدو ورتو ٿي.

۽ پوءِ ڪنهن جي اچڻ جو ڪڙڪو ٿيو—ڪٿ— ڪٿ— ۽ مان هوشيار ٿي ويهي رهيس— بابو هيو. ان پڇيو، "ڪير آ—" مون وراڻيو، "عباس آهيان." هن اونداهي ۾ هڪ زوردار ٺڪر وهائي ڪڍي ۽ چيو "شرم ڪر هتي اونداهي ۾ ويهي ڇوڪرين سان ڇيڙڇاڙ پيو ڪرين." ثريا هيٺر هيٺر پنهنجي هڪ ساهيڙيءَ سان تنهنجي حرڪت جو ذڪر ٿي ڪيو. ۽ جي هـــوءَ پنهنجي ماءُ سان اهو ذڪر ڪري تـــه، خبر اٿئي ڇا ٿيندو؟ "واهيات ڇورا— توکي پنهنجو نه ته پنهنجي وڏن جو خيال ڪرڻ کپي."

۽ ثريا سان تنهنجي وهانءَ جي ڳالهه اڄ ٿي سندس ماءُ مونسان ڪئي آهي. لعنت هجئي."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪٽ—ڪٽ—ڪٽ مٺان ڪنهن جي لٺ جو آواز آيو. بابي ٻيو دفعو چماٽ وهائي هليو ويو.

ڪٽ—ڪٽ—ڪٽ اها ثريا هئي—منهنجي ويجهو لنگهندي، مون کي گهوريندي ۽ چڙ وچان اهو چوندي هلي وئي ته ”خبردار مونسان وري حرڪت ڪئي اٿئي امان کي وڃي چوندس.“

مان وائڙو حيران ۽ پريشان ٿي ٻيلو رهيس ڪجهه سمجهه ۾ نه آيو. دماغ تي ڏاڍو زور ڏنم— پر سڀ بيڪار— ايتري ۾ غسلخاني جو دروازو کليو ثقلين ٻاهر نڪتو—مان واڱڙو ٿي ويس— ”ڀاڙو تون هتي ڇا پيو ڪرين“

ان وراڻيو، ”دعا پئي گهريم—“

”ڇاڪاڻ—“

مرڪندي هن وراڻيو، ”ثريا کي مون تنگ ڪيو هو نه!“

مون اوهان سان ڪو ڪوڙ ٿي ڳالهايو ته هن غسلخاني ۾ جيڪا دعا گهري وڃي سا ضرور قبول پوندي.

سنڌيڪار: عبدالمنان جمالي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مصري جو ٽڪرو

ڪجهه ڏينهن کان منهنجو روح ۽ منهنجو جسم ٻئي بيمار ٿي پيا هئا. روح ان لاءِ بيمار ٿيو جو مون پنهنجي ماحول جي ڀوائتي روپ کي ڏٺو. ۽ جسم ان لاءِ ته سردي لڳڻ سبب منهنجا عضوا سڄي ويا هئا. ڏهن ڏينهن تائين مان پنهنجي ڪمري ۾ اڪيلو پلنگ تي ليٽيو پيو هوس—پلنگ— جي ها! پلنگ ڏسي ان کي ڇٽو. ڇٽن لڪڙن جو ٺهيل هڪ لوهه جي وڏي چادر. لوهه جي چادر وارو پلنگ. بلڪل. ان مان هڪڙو فائدو اهو به آهي جو منگهڻ ويجهو ڏي نه ايندا.

هي پلنگ مون کي پاڙي جي هڪ دوست سليم ڏنو هو. مان ته زمين تي سمهندو هوس پر سليم احمد اهو ڏسي مون کي اهو لوهه وارو پلنگ ڏنو ته مان ڌرتي بدران لوهه جي چادر تي سمهان.

خير ڇڏيو انهن فضول ڳالهين کي. ها ته ڳالهه ٿي ڪيم روح ۽ جسم جي جيڪا سخت بيمار ٿي پيا هوا ۽ نه پڇو ته مونسان ڏهن ڏينهن ۾ ڪهڙي حالت ٿي. پاڻ کي ڌرتي ۽ آسمان جي وچ ۾ لٽڪيل سمجهيم.

ڏهن ڏينهن جي ان حالت گذرڻ کان پوءِ منهنجي حالت ٺيڪ ٿي وئي. ڏهه ٿيا هئا. آس ساڀهون ڪارخاني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي بلند ڇٽيءَ سان مليل ڪمري ۾ پهچڻ جي وٺي هئي. مان لوهي پلنگ تان اٿيس. آرس ڀڳم ۽ جسم ۾ طاقت پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪيم. ڪمري تي نظر پوندي ئي دنگ رهجي ويس. ڪمرو بلڪل بدليل لڳو، اکين تي اعتبار نه آيو. ٻيهر غور ڪري ڏٺم. سڄي ڇت تي ڊريسنگ پيل هئي. پر اڄ ان جي پالش چمڪي رهي هئي. ڪمري جي وچ تي پيل ٽيبل به اڄ مون کي وڏي ڏاڍي پئي لڳي. ڀت تي پنج ڇهه تصويرون لڳل هيون، جيڪي مون پهرين ڪونه ڏٺيون هيون.

انهن تصويرن مان هڪ تي منهنجي نظر ٽڪ ٽڪي وئي. ويجهي کان ڪيس ڏٺم. جديد فوٽوگرافي کي داد ڏيڻو پيو. هڪ خوبصورت ۽ جوان ڇوڪريءَ جي تصوير هئي. وار ڪنڌ جيڪي ڪنن مٿان اڏامندا ٿي ڇاتي سامهون کان ٿورو اگهاڙي. ان اگهاڙپ کي سنڌس جاڪيٽ پورين ٻانهون لڪائڻ جي ڪوشش ڪري رهيون هيون. سنهڙيون آڱريون جنهن مان جهاتي پائيندڙ چهرو، جنهن مان حيا ڇلڪي ٿي.

مان دير تائين ان تصوير کي گهوريندو رهيس. پيٽ ڀي ڀري پريو. مان واٽڙو هيس ته هي تصويرڪتان آئي. ان واٽڙپ ۾ ئي مان غسلخاني ويس. ڪمري جي ڇوٽيءَ ڪنڊ ۾ نلڪي هيٺان هڪ سر رکيل هئي ان جڳهه تي هڪ جست جي بالٽي، صابڻ دانِي، ڏندن جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

برش، ڏاڙهي لاهڻ جو سامان، صابڻ جون ٻه ڇڪڻون پائونڊر جي دٻي، ۽ پنج ڇهه ڪٽ لڳل بلڊ. هــي هيو اسان جو غسلخانو، نذير صاحب جنهن جــو هي ڪمرو هو. صبح جو سوير اٿي وهنجهندو هــو ۽ مان سُتل هوندو هوس ۽ سڙي سان وهجندو هوس.

غسلخاني ڏي ويندي مون پهرين هڪ نظر ڪمري کي ڏني. هائي ڪجهه ڪجهه، ان ڪمري ۾ پنهنجائپ نظر آئي، سامان جيئن هيو تيئن پيو هو.

هڪ هنڌ ويهي مون جڏهن ڏندن هڻڻ شروع ڪيو ته سوچيم ته ڪمرو اهوئي آهي جنهن ۾ هڪ سو ويهه راتيون گذاريون اٿم – ۽ پوءِ منهنجي سمجهه ۾ سڀ ڪجهه اچي ويو ته ڪمري ۾ پنهنجائپ ڇو نٿو محسوس ڪريان اهو انڪري جو اچا ان ڪمري ۾ فقط هڪ سو ويهه ڏينهن گذاريا اٿم. صبح جو نڪرندو هــوم ته دير تائين رات جو ورندو هوم – پوءِ پيلا ڪيئن ڪمري جون شيون سڃاڻپ ۾ اچن ۽ وڏي ڳالهه ته نـه هي ڪمرو منهنجو آهي ۽ نه وري ان ۾ رکيل شيون. ۽ اهو به ته سچ آهي ته وڏا شهر انسانيت جــا قبرستان هوندا آهن.

مـــان جنهن ماحول ۾ جهون ڳهاريان پيو. ان ۾ يڪسانيت آهي ان ڪري ئي دل گهبرائجي پيو وڃي. دل گهريو ته هي شهر ڇڏي ڪٿي ويرانـــي ۾ هليو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڃان. صبح جو سوير اٿي وهنجڻ ۽ آفيس پهچي شام تائين ڪارا ڪرڻ، اتان واندو ٿي هڪ ٻي آفيس ۾ پنج ڇهه ڪلاڪ اهو ئي بور ڪندڙ ڪم، ۽ رات جا ٻارهين وڳي، اوندهي ۾ ئي ڪپڙا لاهي، لوهي پلنگ تي سمهڻ! ڇا اها زندگيءَ آ.

زندگي ڇا هي؟ — اهو سوال، منهنجي سمجهه ۾ نٿو اچي. مان سمجهان ٿو زندگي هڪ ننڍڙو جوراب آهي. جنهن جي ڌاڳي جي هڪ پاسو اسان جي هٿ ۾ ڏنو ويو آهي ۽ پوءِ اسين انهن ڌاڳن کي اکليندا رهندا آهيون ۽ جڏهن ڌاڳي جو ٻيو پاسو هٿ ۾ ايندو آهي ته اهو طلسم جنهن کي (زندگيءَ) چئبو آهي، ختم ٿي پوندو آهي.

جڏهن زندگيءَ جا لمحا ڪٿيا نظر اچن ۽ ذهن جي تختي تي ڪجهه يادگار ڇڏيندا رهن ته سمجهو انسان زنده آهي ۽ مهينا گذرڻ ڪوبه خيال نه اچي ته سمجهو زندگي ختم ٿي وئي آهي. زندگيءَ جي ڪتاب ۾ جيڪڏهن لڳاتار خالي پنا ڏي هجن ته ڪيڏو رنج ٿيندو. مون کي ان باري ۾ ڪجهه ٿئي يا نه پر مون کي اهو احساس ضرور ٿيندو آهي زندگي جي خالي ڪاپي اسان کي ان لاءِ ته ڏني وئي آهي ته اسين ان جي هر خالي پني کي استعمال ڪريون. پر ڏک جهڙي ڳالهه آهي ته مون کي ڪا ڳالهه ئي نظر نٿي اچي جو ڪاپيءَ

جي ھٿن ني لکان- سواءِ ھن ٽن ھٿن جي، جنھن ۾ منھنجون ھادون آھن. اھي مونکي ڪيڏا نہ پيارا آھن. جي اھي اوھين ڦاڙي ڇڏيو تہ منھنجي حياتي ڪنڌ ٻڌجي ويندي". اوھين يقين ڪريو منھنجي ماضيءَ جون قبرون ايڏيون حسين آھن جو مان ھروقت انھن مٿان مٽيءَ جو ليپو ڪندو رھندو آھيان.

منھنجي آڏو ھڪ ڀت تي ھڪ پراڻو ڪئلينڊر لڙڪي رھيو آھي، جنھن جي ميري ڪاغذ تي بانس جي ٻڪھن وڻن جي تصوير آھي. مان ان کي ڪيتري عرصي کان گھوريندو اچان. ان پنيان پري تمام پري. مونکي پنھنجي وچايل زندگيءَ جو اولڙو نظر ايندو آھي.

مان ھڪ ٻھاڙي تي وڻن جي ڇانو ۾ ويٺو آھيان- ٻيگو اڻ ڇاڻ ٻڌجي ڪوڏا ڪوڙي، پنھنجو مٿو منھنجي ويجھو آڻيندي چوي ٿو، "اوھان مجيو ڏي نتا- جائي ٻائي- مان ڪراڙي تي وڃي آھيان- جي اچا يقين تہ اچي تہ ھي مٽي جا وار ڏس جيڪي اڇا تي ويا آھن.

ڇوڏھن سال ٻھراڙيءَ جي ماحول ٻايل ۾ ڇوڪري مونکي ڇڏي رھي ھئي تہ مان پوڙھي ٿي وئي آھيان. خبر ناھيءَ ڇو ان ڳالھہ تي زور ڏئي رھي ھئي. ان کان اڳ، ھوءَ ڪيتين دفعہ اٿين مون کي ڇڏي چڪي ھئي. منھنجو خيال آھي تہ جوان ماڻھن کي ٻڍاپي جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاڏري ۾ داخل ٿيڻ جو شوق هوندو آهي. اهو ماڻ ان لاءِ چوان ٿو جو مونکي ٻه ڪيترا دفعا اهو خيال آيو آهي. مان ان جي خشڪ مگر نرم وارن کي آڱرين سان ڦيرڻ لڳس، ”توهان ڪڏهن به پوڙهي ٿي نٿي سگهين.“

هن پنهنجو مٿو مٿي ڪٽي چيو، ”ڇو مان پوڙهي ڇو نٿي ٿي سگهان؟“

”ان لاءِ جو تو ۾ پرواري سيڻي وٽن، ٻهارن ۽ ٻوهندڙ ندين جي سچي جواني سمويل آهي.“

هن وڏيڪ ويجهو ايندي چيو- ”خبر ناهي، اوهين ڪهڙي قسم جون ڳالهيون ڪندا آهيو، مون کي ڪا سمجهه ۾ نٿي اچي، وڻن ۽ ٻهارن کي پــلا جوانـي ٿيندي آهي.“

”تو کي سمجهه ۾ اچي يا نه اچي پر مون کي جيڪو چوڻو هو سو چئي ڇڏيو.“

”اوهان سٺو ڪيو، پر اوهان منهنجي وارن ۾ ائين ئي هٿ ڦيرندا رهو، مون کي سرور پيو اچي.“

”ٺيڪ آهي سائين“ اهو چئي مان هن جي وارن ۾ هٿ ڦيرڻ لڳس ۽ اکيون بند ڪري ڇڏيون. ”مونکي ائين لڳو جيئن منهنجا الجهيل خيال هجن ۽ مان پنهنجي آڱرين سان سلجهائي رهيو هوس.“

دير تائين مان هن جي وارن ۾ آڱريون ڦيريندو رهيس ۽ هو ماٺ ڪيو ويٺي رهي. ۽ پوءِ هن ننڍا ڪڙيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اکڙيون کڻي مون ڏانهن ڏٺو ۽ ننڊ ۾ وهنتل آواز سان چيو ”جيڪڏهن مونکي ننڊ اچي وئي ته؟“

”ته پوءِ مان جاڳندو رهندم.“

ننڊاکڙي سرڪ هن جي چپڙن تي وکري وئي ۽ منهنجي آڌو هوءَ ڌرتيءَ تي ليٽي رهي. ٿوري دير بعد ننڊ هن کي پنهنجي جهوليءَ ۾ لڪائي ڇڏيو.

بيگو ستل هئي ۽ سندس جواني جاڳي ٿي. جيئن ساگر هيٺان گرم لهرون ٻڪنديون رهنديون آهن. اهڙي نموني هن جي سپنن گهيريل بدن ۾ جواني ڊوڙي رهي هئي سڄي هٿ کي مٿي هيٺان ڏئي تنگون سوڙهيون ڪري ستي پيئي. هئي. هن جو هڪ هٿ مون ڏانهن سريل هو. مان هن جي سنهڙين آڱرين جي سهڻائپ کي گهوريو ٿي. هن جي هيٺين چپ جي ڪارن تي ٿورڙي ڏکڻي آئي. ڪهڙي نه سٺي لڳي پئي. هن جي سيني جي اڀار ۾ دل جيون ڌڙڪڻن زندگي پيدا ڪري رهيون هيون. سيني جي ننڍڙي وادي ۾ پنهي طرفان جا اڀار پاڻ سان ملي ويا هئا.

منهنجي نگاهه هن جي سيني مٿان ڪيسي تي پئي. خدا ڄاڻي ان ۾ ڇا هو. بيگو زوري ان ۾ اهـا شيءِ وڌي هئي. ڇرڪ جهل تي لڳو. منهنجي ذهن ۾ اهو خيال جاڳيو ته ڏسان ته هن جي ڪيسي ۾ ڇا آهي. ۽ هوريان ڪيسي جي تلاشي وٺڻ جو سوچيم ٿي مس ته هوءَ ڪا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موڙي جاڳي پئي. هن هوريان هوريان اکيون کولي ڏٺو ته هن جي چپڙن تي مرڪ تري آئي.

چوڻ لڳي، "اوهين ڏاڍا........آهيو؟"

"ڇو؟—مون ڇا ڪيو آهي؟"

هوءَ اٿي ويٺي. "مان ستي رهيس ۽ تون مون کي جاڳائڻ جي به تڪليف نه ڪئي. مان جيڪڏهن شام تائين ستل هجان ها ته؟" ۽ هن اکيون ڦيرائيندي چيو- "هاءِ منهنجا رب، مان پنهنجي جان هير کي وساري ويٺي آهيان."

سامهون پهاڙي کي ساڻوڻ ۾ وهنتل ڏسي، ڏاڍي اطمينان سان چوڻ لڳي.

"ڪيتري پلي آ منهنجي هير."

هن کي پنهنجي مينهن جي ڳالهه ڪئي هئي، جيڪا اسان جي سامهون پهاڙي تي چري رهي هئي.

مون پڇيو، "تنهنجي هير ته آهي پر رانجهو ڪٿي آهي؟"

"رانجهو" هوءَ تڙي پئي. اکين اکين ۾ هن ڪجهه چوڻ چاهيو پر ڪجهه نه چئي سگهي. ۽ ڪاوڙجي پئي.

"رانجهو—رانجهو—رانجهو—" هن ڪيئي دفعا لفظ دهرايا ۽ چوڻ لڳي.

"رانجهو مان ڇا ڄاڻان ڪٿي هوندو."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون ورائيو، ـــ ”تنهنجي هير جو ڪو نه هڪو ته رانجهو هوندو مون کان لڪائڻ چاهين ٿي ته ـــ ڀاي لڪاءِ.“

ان ۾ لڪائڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي. ٻيگو اکيون مٽڪائيندي چيو ”جي چان هوندي ته ٻــ هير ڪلي وڃي ان کان پڇ- پر ڪن ۾ پڇڻجانءِ وڃين ته رانجهو ڪٿي آهي.“

”مون ان کان پڇيو آهي-“

”ان ڇا چيو؟“

”ان چيو ٻيگو کان پڇ- ان کي سڀ حال آهي.“

”ڪوڙ ـــ ڪوڙ ـــ ڀهرين نمبر جي ڪوڙي.“ ٻيگو ٻارن جهان چال ڏني.

”منهنجي هير شرميلي آ- اها ڳالهه توکي ڀــلا ڪيئن ٻڌائيندي. اوهان هڪوڙ ٻيا ڳالهايو- ٻـري ٿيو- ڪنواري ڇوڪرين سان اهڙيون ڳالهيون ڪندي اوهان کي شرم نٿو اچي.“

منهنجون نگاهون هن جي اپريل ڪيسي تـــي ٻيهر پيون. خدا ڄاڻي ان ۾ ڇا هو.

”بابا ـــ مون کي بخش ـــ تنهنجي هير ڪنواري آ دنيا جون سڀ ميڻهون ڪنواريون آهن. مـان ڪنوارو آهيان ۽ تون ڪنواري. پر اهو ٻڌاءِ ته تنهنجي هـن ڪنواري ڪيسي ۾ ڇا آهي؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان پنهنجي ايپرل کيسي ڏانهن ڏٺو ۽ ڏندن ۾ آڱرين وجهي چوڻ لڳي.

"شرم ڪر- منهنجي کيسي ۾ منهنجيون شيون پيون آهن."

"جي — شيون —"

"ها! ها! شيون- ۽ ها مان توکي ڪڏهن به اهو نه ٻڌائيندس ته هي ڇا آهي- تو ڪڏهن پنهنجي ڇمڙي جي ٽيلهي ۾ پيل شين متعلق ٻڌايو آهي."

"مان هڪ هڪ شي ڏيکارڻ لاءِ تيار آهيان اچي هي وٺ ٽيلهو-" مان ٽيلهو ان جي اڳيان رکي ڇڏيو.

"پاڻ کولي ڏس سڀ شيون پر ياد رکجان توکي به سڀ شيون ڏيکارڻيون پونديون."

"پهريون مان ٽيلهي جي تلاشي نه وٺان-" ۽ پوءِ هن هڪ هڪ شيءِ ڪري ڏٺي ۽ هڪ هڪ ڪري سڀ شيون ڪيڻ لڳي. هڪ انگريزي ناول، پين، ٻه پياسلون، هڪ رٻڙ، ڏهه پارنهه، لفافا ۽ ڪجهه لکيل ڪاغذ، هي منهنجون شيون هيون.

جڏهن هر شيءِ ٽيلهي جي ڏٺي ته مون کيس چيو ته "هاڻي هيڏي ڪر پنهنجو کيسو." هن منهنجي ڳالهه جي ورندي نه ڏني. ٽيلهي ۾ سڀ شيون رکندي چيو "اڇا کيسو ڏيکار" ائين چوندي ٽي هن کيسي ۾ هٿ وڌو، مان کيسو کولي بيٺم. هن کيسي مان سڀڪجهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيڏي ورنو، هڪ ٻڌو، ننڍڙو چاڏڪو، چاهيون. هــن
چاقو کي ڏرتيءَ تي رکندي چيو ”هي مان ڪٺان تي
مونکي وڏڻ جي ڪم ۾ ايندو.“

”سڀ ڪجهه ڪن— پر مونکي اهو ٻڌاءِ ته تنهنجي
ڪهسي ۾ چاهي؟“

”جيڪڏهن مان نه ڏيکاريان ته.“

”نه پوءِ— جهيڙو ٿيندو-“

”ڀلي ٺڪي مان ٻچان ٿورڙي ٿي.“ اهو چونديڏي
هوءَ پنهنجي رڏي ۾ لڪي وڏي ۽ ڪيسي مان ڪجهه
ڪڍڻ لڳي. مون زوردار آواز ۾ چيو، ”ڏس اهو ٺيڪ
ناهي تون ڪجهه .ونکان لڪائين ٿي-“

”تون يقين ڪر- توکي سڀ ڪجهه ڏيکاريندس“

”ها ها! مان سمجهان ٿو تنهنجون سڀ چالاڪيون
مڏي نموني سان ڏيکار نه ته مان زوري ڏسي وٺندم“

ٿوري دير کان پوءِ هوءَ اڳتي وڏي چوڻ لڳي-
”ڀلي ڏسو اوهان-“

مان هن جي ڪيسي ۾ هٿ وجهڻ وارو ڏسي هوس
جو سندس اپريل مهني کي ڏسي چپ ٿي ويس-

”تون پاڻ ڏي سڀ شيون ڪ هڪ ڪري ڪيڏي
ڏيکار- ان مان تنهنجي ايمانداريءَ جي خبر پوندي“

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

"نہ نہ تون پاڻ ئي ڪڍي ڏس. پوءِ چوندين تہ ڪجهہ لڪائي ڇڏئي"

توکي مان ڏسان تہ ٿو.

"جيڪا تنهنجي مرضي" هن اهو چوندي ٻہ آڱريون ڪيسي ۾ وجهي هڪ ريشمي ڪپڙي جو ٽڪرو ڪڍيو"

ان تي مون هن کان پڇيو. "هي بيڪار ڪپڙي کي تون ڇو ٿي سنڀاليندي رهين."

"مان هن سان رومال ٺاهيندس ـــ پوءِ ڏسجانءِ تون."

۽ هوءَ واري واري سان هڪ هڪ شيءِ ڪڍي جهولي ۾ رکڻ لڳي.

"اڇا ڪا شيءِ بچي ـــ"

"جي نہ ـــ"

بيگو ڏس مون سان ڪوڙ نہ ڳالهائي ـــ مون اها شيءِ ڏاڍي ورتي آهي. سڌو سنئون مونکي ٻڌاءِ تہ ڇا لڪايو اٿئي ـــ اهڙي نموني تنگ ڪندو سانءِ جو ياد ڪندين ـــ"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان ٻه ڪٿي پنهنجي هٿ هنن جي ڪلهن تي رکيا هوءَ چرڪ ڀري اٿي، ٽڙڪي ڏڪي، ڀڄي وئي. رڙ ڪئي
مان ڪا شيءَ ڪري— مان ڏڪي وڃي اهــا شيءِ
ڪنٿي. اها هئي— (مصريءَ جو ٽڪرو)— جيڪا هن
مون کان لڪائي ٿي.

ترجمو: رانجهو جمالي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آپ گهات

زاهد جي طبعيت ئي اهڙي هئي جو هرڪو ان کان متاثر ٿيو. هن ٢٥ ورهين جي عمر ۾ شادي ڪئي. شادي ڪرڻ وقت هن وٽ ڏهه هزار رپيا موجود هئا. شادي جو خرچ ٥ هزار آيس ۽ اوترائي بچي پيس.

زاهد ڏاڍو خوش هيو. هن جي زال سگهڙ ۽ سهڻي هئي ۽ زاهد کي ساڻس بي پناه محبت ٿي وئي، ۽ هوءَ ڪسر نه گهٽائيندي هئي. ٻئي پاڻ کي جنت ۾ محسوس ڪندا هئا.

هڪ سال ڪانپور هنن کي هڪ آيءَ ڄائي جيڪا هوبهو ماءُ تي ويل هئي. سهڻيون سهڻيون اکيون، ننڍڙا ننڍڙا خوبصورت چپ هن ڇوڪري جي نالي رکڻ ۾ ٻنهي کان دير ٿي وئي هو سوچي رهيا هئا ۽ ڪنهن فيصلي تي نٿا پهتا. ٻنهي کي ٻين جا چونڊيل نالا پسند ڪونه هئا. زاهد جي زال چاهي پئي ته سندس مڙس ڪو نالو رکي.

زاهد ڪافي ڏينهن سوچ ويچار ڪئي پر هن کي ڪو موزون نالو سمجهه ۾ نه آيو جيڪو هو پنهنجي ڌيءَ تي رکي. هن جڏهن زال کي چيو ته نالي رکڻ لاءِ تڪڙ ڪهڙي. سوچي نالو رکنداسين پر سندس زال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو اسرار هيو ته جلد نالو رکيو وڃي.

”في الحال ايئن نٿو ٿي سگهي ته اسين صرف اُن کي ڏيءُ چئون“ ”نه ته ڇريو آن ڇا؟ ٿين وري ڪيئن ٿيندو“.

”ته پوءِ تون ئي ڪو نالو چوندِ“

”نه نه اهو تنهنجو ڪم آهي“

”ته پوءِ ٿورا ڏينهن انتظار ڪيو. مان ڪتابن جو مطالعو ڪيان متان ڪو نالو ملي وڃي. مون کي يقين آ ضرور ملندو“

”ڪل جهڙي ڳالهه ڪريو پيا. مون اڄ تائين اهو ناهي ٻڌو ته ڪو نالي رکڻ لاءِ ڪتاب پڙهئاپوندا آهن“

”منهنجا دوست ته اڪثر ايئن ڪندا آهن ۽ سٺا سٺا نالا رکي ويندا“.

”جي اهڙي ڳالهه آهي ته پوءِ وڃي آ لغتون ۽ ڪتاب“ ”پيسا ڪٿان آڻيان؟“

” منهنجو پرس الماري ۾ پيل آهي انهيءَ مان پيسا ڪڍ“

زاهد ماٺ ماٺ ۾ الماري کولي پرس مان پيسا ڪڍي ماٺ ماٺ بازار ڏانهن روانو ٿيو.

هو ڪتابن جي هڪ دڪان تي ويو ۽ ڪئي قسم جا ڪتاب ۽ لغتون ڏٺيون ۽ نيٺ هڪ خاص قسم جي لغت خريد ڪري رستي رستي ان ئي پڙهندو ٿي آيو ته کيس هڪ دوست مليو جيڪو کيس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوڙن جي دڪان تي وڏي وڃي. ان وٽ ڪپڙي هڪ ڪلاڪ لڳي ويو ڇو جو سندس اهو دوست ڪافي عرصي بعد مليو هو. جڏهن هن کي اها خبر پئي ته زاهد کي ڏيڻ چاڻي آهي ته هن ڏجوري کولي ۱۱ رپيا ڪڍي زاهد کي ڏنا ۽ چيائين "ڏيڻ کي ڏجان ته تنهنجي چاهي ڏنا آهن. ۽ ها نالو چا رکيو اٿو انجو"

زاهد هٿ کي ڏسڻ لڳو. هن جو دوست جوتا صاف ڪندي چوڻ لڳو. پيار نالي رکڻ ۾ ڪهڙي دير تي لڳي- " سموئي، شاهيني، شريفان يا الماس"

زاهد ورائيو- " اهي سڀ بڪواس آهن پراڻا نالا آهن-"

"ڏسنداسين ته اوهين ڪهڙي بڪواس ٿا ڪريو. ۽ ها ننڍڙي جي ڏٺي حياتي وڌائي باقي نالي نه رکڻ تي ڪهڙو فرق ٿو پوي."

رستي تي هو هلندو به رهيو ۽ سوچيندو به رهيو- ۽ هن کي لڳو ته اها لغت ڦٽي ڪري ۽ زال کي چئي ته نالي ۾ رکيو چا هي خدا سندس حياتي وڌائي.

مختلف خيالن جي محور ۾ قائل هو ۽ هن جي دل تيزي سان ڌڙڪي رهي هئي. هن سوچيو سندس ذهن ۾ خراب خيال پيا اچن. ٿوري هلڻ کانپوءِ هنجي طبعيت وڌيڪ خراب ٿي وئي. هن چاهيو ته اڏامي گهر پهچي ۽ ڏي جي پيشاني چمي، پاڪر پائي.

هو تيز تيز وکون کڻندو هلندو رهيو. پر ٿورو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻنڌ ڪرڻ کان پوءِ هو سهڪڻ لڳو ۽ هڪ دڪان جي ٿلهي تي ويهي رهيو. ايتري ۾ سندس اڳيان هڪ ٽانگو لنگهيو ۽ هن کي روڪائي ان ۾ چڙهي پيو— هل هل جلدي هل مونکي جلدي گهر پهچڻو آهي. پر گهوڙو ڏاڍو سست نڪتو. هن ڪيئي دفعا ٽانگي واري کي دهايو پر سڀ بي سود. ڀريون ته ٽانگي وارو دٻ برداشت ڪندو رهيو پر جڏهن هن کان وڌيڪ برداشت نه ٿي ته هن کي ٽانگي مان لاهي ڇڏيو ۽ ڀاڙو به نه ورتو. زاهد وڌيڪ ششدر ٿي ويو هن کي جلد گهر پهچڻو هو. ايتري ۾ هڪ ٻيو ٽانگو لنگهيو ۽ هو ان ۾ چڙهي ويو.

گهر ۾ داخل ٿيندي ئي ڄمي ويو. ڇا ٿو ڏسي ته سندس اڱڻ ۾ عورتن جو ميڙ لڳو پيو آهي جيڪي پاڙيواريون هيون. هو دروازي تي ئي ڄمي ويو. هڪ عورت ٻئي کي چئي رهي هئي. "مشڪل سان نڀالي. ٻچي دورو سخت پيو اٿس."

هو تيزي سان چرڻ وانگر اندر ڪمري ڏانهن ڀڳو. سندس زال جي رڙ ٻڌي دهلجي ويو. "هاءِ منهنجي ٻچڙي مري وئي." ۽ هن جي زال بي هوش ٿي وئي. سڀ عورتون اندر گهڙي آيون. هڪ عورت جي مڙس کي ڪار هئي. اهو نڪرو ڊاڪٽر کي وٺي آيو. سندس زال کي هڪ ٻه انجڪشن لڳايا ويون. جنهن کان پوءِ هن کي هوش آيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زاهد سڪتي ۾ اچي ويو هو. هن جون سڀ قوتون ختم ٿي چڪيون هيون- هو اڳين تي ڪرسي تي ويهي لغت کي بغل ۾ ڪري آسمان ڏانهن تڪي رهيو هو. جيئن هو پنهنجي ڌيءَ لاءِ نالي ڳولهڻ ۾ محو هجي. نياڻي کي دفنائڻ جو پهر آيو ته زاهد ماٺ تي ويو. هو هوش ۾ اچي ويو. هن کو ڳوڙ هو نه وهايو. ڪفن ۾ ويڪيل نياڻي کي کڻيو ۽ پنهنجي دوستن ۽ پاڙيسرين سان گڏ قبرستان ڏانهن روانو ٿيو. اتي اڳ ۾ ئي قبر کوٽي وئي هئي. زاهد نياڻي کي قبر ۾ رکي سندس پر ۾ لغت رکي پوري ڇڏيو. سڀني سمجهيو ته قران شريف رکيو ويو ۽ دنگ رهجي ويا. ته اهو ته ڪفر آهي، پر زاهد کي ڪنهن به ڪجهه نه چيو صوف پنهنجي منهن پڻڪندا رهيا.

نياڻيءَ کي پوري جڏهن زاهد گهر پهتو ته کيس پتو پيو ته سندس زال کي سخت بخار آهي.

جلدي ڊاڪٽر گهرايو ويو. ان ڏسندي ئي زاهد کي چيو ته حالت سخت خراب آهن ان ڪري ڪجهه يقين سان چئي نٿو سگهجي. زاهد مٿان ڄڻ بجلي ڪري هجي. پر هن حوصلو ڪري ڊاڪٽر کان پڇيو.

"مرض ڪهڙو آهي ؟

"گهڻا مرض ڪٺي ٿيا آهن. هن کي هڪ سخت صدمو پهتو آهي. ٻيو هن جي دل ڪمزور آهي. ٿيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ ھن کي ھڪ سو پنج ڊگري بخار آھي" ڊاڪٽر سيون ھيون- دوا ڏني- پر حالت نہ سڌري.

ڏھن پندرھن ڏينھن بعد ھن کي ٿورو ھوش آيو. زاھد سڪ جو ساھ کنيو. ۽ سندس پياري زال کيس پاڻ ڏي سڏ ڪري ڪمزور آواز ۾ چيو— "منھنجو ھاڻي پو پون وقت اچي ويو آھي. مان چند گھڙين جي مھمان آھيان" زاھد جي اکين ۾ ڳوڙھا تري آيا.

"ھي ٽون ڪھڙيون ڳالھيون پئي ڪرين- خدانخواستہ جيڪڏھن توکي ڪجھہ ٿي ويو تہ مان ڪيئن جيئرو رھندس" ھن جي زال ھن ڏي ڏٺو. "اھي سڀ چوڻ جون ڳالھيون آھن. مان مري ويس تہ ٻي ايندي. خدا اوھان جي وڏي ڄمار ڪري—۽—

ھن ھڪ ھڏڪي ڏني ۽ ھڪ سيڪنڊ اندر ھن جو روح پرواز ڪري ويو زاھد ساڻ ۽ صبر ڪيو ۽ ڪفن دفن کان واندو ٿي رات جو گھر کان ٻاھر نڪتو ۽ ريلوي لائن ٽيبل ڏسي ريلوي لائين جو رخ ڪيو. رات جو سادي ٽائين بجي گاڏي اچڻي ھئي. ھن سوچيو تہ ريل جي ڦيٿي تي ليٽي پوندو ۽ ريل ھنجو انت آڻي ڇڏيندي.

مونکي ڊگھي ڄمار جي گھرج ڪانھي— ھي زندگي جيترو مختصر ٿي وڃي اوترو چڱو- مان وڌيڪ صدمان سھي جھڙو ناھيان رھيو"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو جڏهن ريلوي جي پٽڙي تي پهتو ته هن کي پري کان ريل جي روشني نظر آئي. پر هو اڃان پري هئي. هن سوچيو ته جڏهن ويجهو ايندي هو لنگهي پوندو. گاڏي ويجهو اچي وئي هئي.

زاهد اڳتي وڌيو پر اوچتو هن ڏٺو ته هڪ ماڻهو ڪٿان ظاهر ٿيو ۽ ريل جي پٽڙي جي وچتي اچي بيٺو.

ريل ڏاڍي تيز رفتار سان اچي رهي هئي. هو تيزي سان پڪو ۽ ان شخص کي ڌڪو ڏئي پٽڙي تان هٽائي ڇڏيـــو.

گاڏي هلي وئي. زاهد هن ماڻهو کان پڇيو. ”ڇانون آپگهات ڪرڻ چاهين پيو؟“

”ها!“

”پر ڇو“

”ان لاءِ جو هاڻي صدمن سهڻ جي سگهه نه رهي آهي“

زاهد کيس همٿ ڏياريندي وراڻيو.

”پيارا! زندگي زندگي زنده رهڻ جو نالو آهي ان کي چنگي نموني گذار. آپگهات بزدلي آهي. پنهنجي حياتي جو پاڻ ئي ڌڻي ٿي ڪهڙي عقلمندي آهي. اٿ پنهنجي صدمن کي وساري ڇڏ. جي انسان جي زندگي ۾ ڏک نه هجن ته پوءِ خوشيون ڪهڙن ايندڙن دل موتسان ڪيڏ..“

ترجمو:- سلطانه ابڙو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موت

چمون جي رستي جي اوهان ڪشمير وڃو، ته
ڪڏ ڪان ٿورو اڳيان هڪ ننڍڙو ڳوٺ ايندو، اتان جي
آب هوا تمام سٺي آهي. هتي سلهه جي مريضن لاءِ
هڪ سينيٽوريم بڻ آهي. هونئن ته اڄ کان ٽ نو
سال اڳ هن ننڍڙي شهر بٺوت ۾ پورا ڏي مهينا رهي
ويو آهيان ۽ جواني جي دور ۾ هڪ عدد نامڪمل
پيار جي ڪهاڻي به مونسان ڳنڍيل آهي. پر هن ڪهاڻي
سان منهنجي ڪنهن ڪمزوري جو تعلق نه آهي.

ڇهه ست مهينا ٿيا آهي هڪ دوست جي گهر
واريءَ جي مزاج پرسي ڪرڻ لاءِ انهي سينيٽوريم ۾
ويٺو هوس جيڪا زندگي جي ساگر ۾ آخري هڏڪيون
ڏئي رهي هئي منهنجي اتي پهچڻ سان هڪ مريض
گذري ويو. ويچاري پدما جيڪا موت کي سامهون
ڏسي ڏاڍو ڊنل هئي سان ويتر ڊڄي وئي مون کي خبر
نٿي پوي پر منهنجو پنهنجو خيال آهي ته اهو صدق
اتفاق آهي جو چئن ڏينهن ۾ ٽي ٻيا مريض به گذاري
ويا. جيئن ئي ڪو بسترو خالي ٿئي پيو ٿهل ٽڪور
ڪندڙ شخص ڪان آهون نڪري ٿي ويون. سڀ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سينيٽوريم ۾ چڙهي راڪاس کڻي تي ويو هر طرف
ماٺ ڇانيل هئي. اهي مريض جن کي اميدن جي ڪچي
ڌاڳي ڪي وٺي جي رهيا هئا سي مايوسين جي اٿاهه
ساگر ۾ لهي ٿي ويا.

منهنجي دوست جي زال ته هتي مان ڪري تي
وئي. ان جي سنهڙي چپڙن تي موت پاڇا
جهمر هڻي لڳندا هئا. هن جي نيرن نيڻن ۾ رحم پري
آس جهاتي ٿي لڳي.

اڄ مريض جي مري وڃڻ کان پوءِ مان ورانڊي
۾ ويهي زندگي ۽ موت بابت سوچڻ لڳس. موت هڪ
تمام بي سري شيءِ آهي. اوهان چڱا ڀلا جي رهيا
آهيو ڪنهن ڪو مريض آيو ۽ مري ويو ته اوهان
ڌڪ مري ويا افسانوي نقطه نظر سان زندگي جي
اها پڇاڙي ٺيڪ ته ڪانهي.

ورانڊي مان اٿي سينيٽوريم ۾ اندر داخل ٿيس ۽
مس ٿي ڏهه پنڌرنهن وکون کنيون هونديم ته پويان آواز
آيو:

"دفنائي آيا نمبر ٢٢ کي"

پٺ ورائي مون ڏٺو، سفيد بستري تي ٻه ڪارڊيون
اکيون مسڪرائي رهيون هيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهي اکيون-پوءِ مونکي ڏير سان چاڙهي پٽي ته اهي اکيون هڪ بنگالي عورت جون هيون. جيڪا سهڻيءَ نورينم ۾ هن کان الگ ٿلگ نموني سان موت جو اوسيئڙو ڪري رهي هئي.

هن جڏهن اهو چيو هو ته دفنائڻ آيا نمبر ٢٢ کي ته مونکي ائين محسوس ٿيو هو ته اسين هڪ انسان کي نه پر ڪنهن نمبر کي دفنائي آيا هجون. ۽ سچ پڇو ته ان مريض کي قبر ۾ دفنائڻ وقت منهنجي دماغ جي ڪنهن ڪنڊ ۾ به اهو احساس پيدا نه ٿيو هو ته هو ڪو هڪ انسان هو ۽ ان جي موت سان هن دنيا ۾ ڪو خال پيدا ٿيو هجي.

وڌيڪ ڳالهه ٻولهه ڪرڻ خاطر جڏهن مان ان بنگالي عورت وٽ ويس جنهن جو ڪاريون اکيون ايتري خطرناڪ بيماري هوندي به چمڪي رهيون هيون هن مر ڪندي چيو هو، ”منهنجو نمبرچار آهي—“ اهو چئي هن اچي چادر جي ڪنجن کي درست ڪندي بي ڏيهي ۽ پنهنجاٿپ واري لهجي ۾ وراڻيو هو،

”اوهان مردن کي ساڙڻ ۽ دفنائڻ ۾ ڏاڍي دلچسپي رکو ٿا.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان بي خيالي وچان جواب ڏنو، ”نه اهڙي تـــه
ڪا ڳالهه ناهي.“

ان ڪان پوءِ ڳالهه ٻولهه بند ٿــي وئـــي ۽ مان
پنهنجي دوست وٽ هليو ويس.

ٻئي ڏينهن روزانو جي عادت مطابق باغ جي سير
ڪرڻ لاءِ نڪتس. ٻاهر هلڪي هلڪي بوندا باري
ٿي رهي هئي. ان ڪري موسم تمام حسين ۽ پياري
ٿــي لڳي. ٿڌڙي ٿڌڙي هير گهلي رهي رهي. ڊگها،
ڊگها، ساوا ساوا وڻ هوا جي گهلڻ ڪري ۽ خوبصورت
موسم ڪري خوشي وچان جهومي رهيا هئا. نيري نيري
دنڌ ۾ ڊيڪيل ٽڪريون ڪيڏيون نه خوبصورت لڳي
رهيون هيون، هر طرف سهڻاٺپ پکڙيل هــئي. اهــڙي
سهڻاٺپ جنهن کي ڪو چور نه چورائي سگهي.

سير ڪري جڏهن سينيٽوريم ۾ واپس آيم ته سيني
جا منهه لٿل ڏسي سمجهي ويس ته هڪ نمبر ٻيو ويو.
يارهون نمبر يعني پدما.

ٻاهر برسات وسي رهـــي هئي ان ڪري مڪل
ڪالين گسڏ ڪرڻ ۾ ڏادي تڪليف ٿـــي بهرحال
ويچاري کي باهه جي حوالي ڪيو ويو. منهنجو دوست
اتي ئي ويٺو رهيو ۽ مان سينيٽوريم ۾ اچي سامان کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمهڻ ۾ لڳي ويو. سمنڊ جي ڪناري تي ٻڌي سڌي ۾ گهڙندي ٻڌي ته ان بنگالي عورت جو آواز آيو هو.

"ڪافي دير لڳائي ڇڏي اوهان—"

"جي— برسات ڪري سڀئي ڪاٺيون ٻڌي پيون، ان ڪري دير ٿي وئي."

"ٻين هنڌن تي ته ڪاٺين جا دڪان ٿين ٿا پر مون ٻڌو آهي ته هتي پاڻ ڪاٺيون ڪٽيون ۽ گڏ ڪرڻيون پونديون آهن"

"جي ها!"

"ٿوري دير لاءِ ويهو—"

مان ان وٽ اسٽول تي ويهي رهيس. ته هن هڪ عجيب غريب سوال ڪيو.

"ٻوليندي ٻوليندي جڏهن اوهان کي ڪو ڪاٺي جو سڪل ٽڪر ملندو هوندو ته اوهان ڏاڍا خوش ٿيندا."

هن منهنجي جواب جو انتظار ڪرڻ بنان ٻيو سوال ڪيو.

"موت جي باري ۾ اوهان جو ڇا خيال آهي؟"

"مون ڪيئي دفعا سوچيو آهي پر سمجهي نه سگهيو آهيان."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوءَ دانشورن جهان مرڪي ۽ ٻاراڻي انداز ۾ چوڻ لڳي، ”مان تورو تورو سمجهي وڏي آهيان— چو تہ مان پنهنجي اکين اڳيان ڪيئي موت ڏٺا آهن، ايترا تہ موت ڏٺا آهن جو اوهين سڄي عمر ڏسي نہ سگهو. مان بنگال جي آهيان— اهو بنگال— جتي ڏڪر آهي. اوهان کي نہ ڄاڻ هوندي تہ اتي ڏڪر وگهي ڪيترا لکين ماڻهو مري چڪا آهن. ڪافي ڪهاڻيون ڇپيون آهن سوين مضمون لکجي چڪا آهن. موت جي ان بازار ۾ مون موت متعلق سوچيو.

”ڇا؟“

هن اهڙي ئي انداز سان جواب ڏنو. ”هڪ ماڻهو جو ختم ٿي وڃڻ ئي موت آهي، هڪ لک ماڻهن جو مرڻ تماشو آهي. سچ ٿي چوان. موت جو جيڪو خوف منهنجي دل ۾ اڳي هوندو هو سو هينئر بلڪل نڪري چڪو آهي— هر بازار ۾ جيڏانهن ڪيڏانهن ڏه ٻارنهن ميت نظر ايندا رهن ٿا. تہ ڇا موت جو اصلي تصور ختم ٿي نہ ويندو. مان اهو سوچيو آهي تہ ايترن گهڻن موتن تي روئڻ فضول آهي.

بيوقوفي آهي— اول تہ ايترن ماڻهن جو مرڻ ئي وڏي بيوقوفي آهي—!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون وچ ۾ ڪٿهندي فورن وراڻيو

”ڇا لاءِ؟“

”ڪنهن جي بيوقوفي هجي— پر آهي بيوقوفي“
هڪ پري شهر مٿان بم ڪيرايو— ماڻهو مري ويندا
ڪوهن ۾ زهر وجهي ڇڏيو— جيڪو به اتان پاڻي
پيئندو اهو مري ويندو. ڏڪر، جنگ، بيماري سڀ
واهيات شيون آهن. انهن ۾ مرڻ اٺين آهي. جيئن مٿان
ڇت ڪري پوي. انسان کي مارڻ ڪجهه ڪونهي پر ان
جي فطرت کي مارڻ وڏو ظلم آهي.“

اهو چئي هوءَ ڪجهه دير لاءِ ماٺ ٿي وئي. پر
پوءِ پاسو ورائي چوڻ لڳي، ”منهنجا خيال پهريون اهڙا
نه هئا. سچ پڇو ته مونکي سوچڻ سمجهڻ جي ڪاگهرج
ئي نه هئي. پر ڏڪر مونکي بلڪل نئين دنيا ۾ اچي
ڦٽو ڪيو. ”وچ ۾ ڳالهه بند ڪري هن مون کي ڏٺو.
مان هن کي ڳالهين کي پنهنجي ذهن ۾ قيد ڪري رهيو
هوس ۽ هن جي ڳالهين کي لکي رهيو هوس.

”هي اوهان ڇا لکي رهيا آهيو؟“

مون صاف صاف کيس ٻڌايو ته مان افسانا لکندو
آهيان جيڪي ڳالهيون مونکي دلچسپ لڳنديون آهن
سي نوٽ ڪندو آهيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اهو نه ڏاڍو سٺو مان توکي پنهنجي پوري ڪهاڻي ٻڌائيندس.“

ڏن ڪلاڪن ۾ هوءَ سنهڙي آواز ۾ پنهنجيڪهاڻي ٻڌ ڏيندي رهي- مان غور سان اها ٻڌندو رهيس-- ۾ مان هڏي ان ڪهاڻي کي پنهنجي زبان ۾ بيان ڪيان ٿو. غير ضروري تفصيل کان پاسو ڪندس.

بنگال ۾ جڏهن ڏڪر پيو ته سڪينه ڪي سندس پيءُ هڪ مفلس ماڻهو وٽ ٥٠٠ روپين ۾ وڪڻي ڇڏيو هو، اهو دور هيو جنهن ۾ ماڻهو ڏڙا ڏڙ مري رهيا هئا. اهو شخص سڪينه کي لاهور وٺي آيو ۽ هڪ هوٽل ۾ اچي رهيا. هن شخص چاهيو ته هو سڪينه مان پيسا حاصل ڪري- ۽ هوءَ ان لاءِ مجبور هئي سواءِ چند ڪپڙهن ڳاڙهٽ لاءِ- پر هن جو سودو طئي ٿيندو رهيو هوءَ ان ڏنڌي جو ذهن ۾ تصور ڪري ڇرڪي پوندي هئي.

جڏهن هوءَ ڪلڪتي کان لاهور آندي پئي وڃي ته هن کي چاٽ هئي ته هن سان اتي ڪهڙو حشر ڪيو ويندو. باشعور ڇوڪري هئي ان ڪري هن کي پتو هو ته هن کي هڪ سڪي جيان هر هڪ وٽ اڇليو ويندو. پر هوءَ ڪري به ڇا ٿي سگهي. هوءَ ته ان قيدي جيان هئي جيڪو رحم جي تار ڪرڻ کان پوءِ معافي نه ملڻ ڪري ڪنهن اهڙي اتفاقي حادثي جي آس ۾ هوندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن جي ڪري جان ڇٽي پئي، هي حادثو ته نه پر هوشياري ڇنجي، جو هوءَ ڪاري رات جي سهاري ۾ هوءَ ان مرد کان گسائي هوٽل کان پڇي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي.

هاڻ لاهور جا روڊ هئا. ۽ ان لاءِ نوان نوان خطرا سامهون هيا. هن سمجهيو ٿي ته شهر جو هر شخص هن کي ڪائي وينڊو، خاص ڳالهه ته هن جي جواني لڪڻ واري شيءِ ٿي ڪانه هئي. هن ڪنهن جون نظرون ائين ڪپي ٿي ويون ڄڻ برمي سان ان ۾ ڪو سوراخ ڪندو هجي، سون چاندي جي ڳالهه هجي ها ته ماڻهن کان لڪائي وٺي، پر جواني ڪي ڪٿي لڪائي. ڪهڻ به وقت ڪيس ڊپ هو ته ڪو ڪانئس کسي نه وٺي.

ٽي ڏينهن ٽي راتيون هوءَ ائين ئي هيڏانهن هوڏانهن ڀٽڪندي رهي. بک ۾ سندس ساهه گهٽجڻ لڳو. مگر هن ڪنهن جي آڏو پنهنجو هٿ نه ڊگهيريو. ڇو جو هن کي چاڻ هئي ته اهو ڊگهيريل هٿ سندس عزت ڏانهن وڌي سگهي ٿو ۽ هوءَ ڪنهن اونداهي ڪمري ۾ وٺي ٿي ويو. دڪان ٽي سينگاريل ماڻهون هوءَ ڏسي رهي هئي. هوڏان ۾ ماڻهو وڏا وڏا گره کٿي رهيا هيا. هن جي چوڌاري هر طرف کاڌي پيتي جي شين جو ڏاڍو بي دردي سان استعمال ڪيو ٿي ويو. پر اهي کاڌا صرف ٻين لاءِ هيا. ان لاءِ نه.

هن کي ڀوريون دفعو ڪاڏي جي اهميت جو پتو پيو- ڀوريون هن کي ڪاڏو ملندو هو ۽ هينئر هوءَ ڪاڏي سان ملڻ لاءِ بيقرار هئي. ڇاڪاڻ ته ذهن جي هڪ هن جي هر عضوي کي ڍلو ڪري ڇڏيو هو.

چوٿين ڏينهن هڪ گهٽيءَ مان وڃي رهي هئي ته اوچتو هن جي دل ۾ ڪهڙو خيال اڀريو ۽ هوءَ هر گهر اندر گهڙي وئي. پر گهڙندي ئي هن کي خيال آيو ته مٿان ڪو پڪڙي نه وٺي ۽ پوءِ — سڀ ڪجهه — هليو وڃي —

هن جي جسم مان طاقت نڪري وئي هئي — سوچيندي سوچيندي هوءَ اڳڻ ۾ اچي ويٺي — ۽ ٻه ڏلا ڏنا ۽ ان جي پير ۾ ئي ميووي جو وڏو ٿالهه پيل هو. صوف — ناسپاتيون — ڏاڙهون — هن سوچيو ڏاڙهون ٻڪواس آهي. صوف ۽ ناسپاتيون ٺيڪ آهن. دلي مٿان هڪ پيالو پيل هو مٿان ڍڪڻ لاٿو ته ملائي پيل هئي. هن بغير سوچڻ سمجهڻ جي جلدي جلدي ڍڪ پيڻ لڳي. سڄي ملائي هن جي پيٽ ۾ منتقل ٿي وئي- ڪيڏو نه راحت ڏيندڙ وقت هو. پاڇي وئي ته ڪنهن ٻئي جو گهر آهي- اتي ئي ويهي صوف ۽ ناسپاتيون کائڻ لڳي. اوچتو هن کي ڇا ٿي ويو. الٽي اچڻ لڳي. مٿو ڦرڻ لڳو ۽ پيٽ ۾ سور پوڻ لڳو. هوءَ اتي ته ڪنهن جي ڪنگهڻ جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آواز آيو- هوءُ اڙان پڇڻ لڳي پر متو ڦ ي وس ۾ ڪري، بيهوش ٿي وئي.

جڏهن ڪيس سامت، آئي ته هڪڙي صاف ستري اڇي بستري تي ليٽيل هئي. سڀ کان اول ڪيس اهو خيال اڀريو ته ڪٿي سندس عزت ته نه لٽجي وئي آهي. پر ٿوري دير بعد مطمئن ٿي وئي ته خير آهي. اڃا ڪجهه وقت سوچڻ ڏي لڳي هئي ته ڪيس هڪ هڏن جو پڃرو ڪنگهندي ڪمري ۾ داخل ٿيندي نظر آيو.

سڪينه پنهنجي ڳوٺ ۾ ڏڪر وچان ماڻهو مرندي ڏٺا هئا پر هي شخص سڀني کان مخلف هو. رحم جي اکين مان ڇٽي رهيو هو پر هن ۾ ڪاڏي جي ڪا آس نظر نٿي آئي.

سڪينه کي ڏيڍ تيڻ ڪپندو هو پر ڏنل وري اهو شخص هو. هو ڏچندي ڏچندي، ڇرڪندي ڇرڪندي هن کي چوڻ لڳو، "جڏهن تون سڀ شيون کائي رهي هئين ته مان تو کي پري کان ڏسي رهيو هيس—آف— مون ڪيڏي مشڪل سان پنهنجو پاڻ کي کنگهڻ کان روڪي رکيو هو. ان لاءِ ته تون آرام سان کائي سگهين ۾ مان اهو منظر دير تائين ڏسندو رهان. بک ڏاڍي پياري شيءِ آهي، پر هڪ مان آهيان جو ان نعمت کان محروم آهيان اڻين چوڻ ٺيڪ نه ٿيندو ڇو جو هٿ وٺي مون پاڻ بک کي ماريو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڪينه ڪجهه سمجهي نه سگهي. اها هڪ ڳجهارت هئي، جنهن جا پيچدي پيچدي هڪ ٻي ڳجهارت ٺهي ٿي ويئي پر ان هوندي به سڪينه کي اهي ڳالهيون دلچسپ لڳيون جنهن ۾ انسانيت جي گرمائش هئي. هن به اهڙي نموني پنهنجي سچي ڪهاڻي هن کي ٻڌائي ڇڏي. هو به بس ڪري هن کي ٻڌندو رهيو. هن تي ڪو اثر ڏي نه ٿيو. جڏهن سڪينه هن جو شڪريو ادا ڪيو ته هن جون اکيون جيڪي ڳوڙهن کان بي نياز هيون سي افسوسناڪ ٿي ويون ۽ پريل آواز ۾ چيو-
”تون ڏسي رهي پئي سڪينه ـــ مان سالهه جو مريض آهيان ـــ مونکي ڪوبه ڪاڏو سنو نٿو لڳي ـــ ڪوئي ميوو سنو نٿو لڳي ـــ تون ڪاڏجانءِ ته مان توکي ڏسندو رهندم. اهو ڏي ڪافي آهي ـ“

پر جلد هو ڪلي ويٺو، ڪهڙي بيوقوفي آهي ـــ يعني ڪو بيو ڪاڏي ته ان کي رکو ويهي ڏساز ـــ ”نه نه ـــ سڪينه ـــ هونئن منهنجي خواهش آهي ته تون هت رهه.“

سڪينه ڪجهه سوچڻ لڳي، ”نه نه ـــ منهنجو مطلب آهي ته اوهين هن گهر ۾ اڪيلا رهو ٿا ـــ ۽ مان ـــ ڳالهه اها آهي ته ـــ“

اهو ٻڌي هن کي دلي صدمو پهتو ۽ ڪجهه گهڙين لاءِ خاموش ٿي ويو ـــ جڏهن هن ڳالهايو ته هن جو آواز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرنسپل ۽ ڪوڪلو هيو، ”مان ڏهن سالن تائين اسڪول ۾ نياڻين کي پڙهايو آهي ۽ هميشه سڀني انهن کي پنهنجيون نياڻيون سمجهيو آهي ۽ تون به منهنجي هڪ نياڻي—“

سڪينه لاءِ رهڻ لاءِ ڪا جاءِ ڪانه هئي تنهنڪري هوءَ ان پروفيسر وٽ رهي پئي.

هو هڪ سال ۽ چند مهينا جيئرو رهيو. انهيءَ عرصي ۾ هو منهنجي آسائش ۽ آرام لاءِ ڪوششون ڪندو رهيو جيئن مونکي ڪرڻيون هيون.

انهيءَ پروفيسر جي اڙي سنڀال ڪري هوءَ چند ڏينهن ۾ ئي چمڪڻ لڳي. هن جي چمڪڻ ڪان پوءِ پروفيسر هن کان ٿورو پري رهڻ لڳو، پر سندس خاطر تواضع برابر ڪندو رهيو.

پڇاڙڪن ڏهاڙن ۾ اوچتو هن جي طبيعت سخت خراب ٿي پئي. هڪ رات جڏهن سڪينه هن جي پير ۾ ويهي سمهي رهي ته هو ننڊ مان ڇرڪي اٿيو هو ۽ زور زور سان رڙيون ڪرڻ لڳو هو. ”سڪينه—سڪينه“

اهڙيون رڙيون ٻڌي هوءَ ڊچي وڃي هئي— پروفيسر جي چنچين اکين ۾ هڪ رونق هوندي هئي سا غائب هئي ۽ هڪ ڏک جو ساگر ڇلڪي رهيو هو. پروفيسر ڏڪندي ڏڪندي سڪينه جي هٿ کي پڪڙيو ”مان مري رهيو آهيان——پر هن موت جو مونکه

ڪو رنج نہ آهي ڇو جو ڪيترائي موت منهنجي اندر ۾ ٿيا آهن. توں ٻڌڻ چاهين ٿي منهنجي داستان—— منهنجي ڪهاڻي——ٻڌڻ چاهين ٿي تہ مان ڪير آهيان؟.... تہ ٻڌ—مان هڪ ڪوڙ آهيان— وڏو تمام وڏو ڪوڙ— سچي حياتي پنهنجو پاڻ سان ڪوڙ ڳالهائيندي ۽ ان کي سچ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ ۾ گذري آهي—آف— ڪيڏو نہ ايذاءُ ۽ غير فطري ۽ غير انساني ڪم ڪيو آهي—مون هڪ خواهش کي ماريو هو پر مون کي اها ڄاڻ ڪانہ هئي تہ هڪ خون ڪرڻ بعد مون کي ٻيا بہ ڪيترا خون ڪرڻا پوندا. مان سمجهندو هوس تہ هڪ خواهش مارڻ سان ڪهڙو فرق ٿو پوي پر پوءِ خبر پئي تہ ٻيون خواهشون ڪمزوري جاڳي پيون آهن سڪندا، مان هيءُ سڀ بڪواس ڪيان پيو. فلسفو ڳالهايان پيو. سڌي سنئين ڳالهہ اها آهي تہ مان پنهنجي ڪيريڪٽر کي بلند ڪندو ڪندو پستين جي ڏيهہ ۾ ڦاسي پيس. مان مري ويندس تہ هي اخلاق جيڪو مان بلند ڪرڻ جي چڪر ۾ سچي عمر لڳو رهيس هوا ۾ منهنجي خاڪ ٻڌجي اڏامندو رهندو. اهي سڀ ڇوڪريون جن کي مون اسڪول ۾ پڙهايو آهي. جڏهن بہ مون کي ياد ڪنديون تہ چونديون پروفيسر انسان نہ پر فرشتو هيو جيڪو انسانن ۾ هليو آيو آهي. توں بہ منهنجي نيڪين کي نہ وساري سگهندين. پر توکي مان حقيقت ٻڌايان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ته جڏهن ڪان تون هن گهر ۾ داخل ٿي آهين، ڪابه اهڙي گهڙي نه گذري آهي جو مان تنهنجي جواني کي پنهنجي نظرن سان نه ڏٺو هجي تصور ۾ ڪيئي دفعا مان تنهنجي چپڙن کي چميو آهي- ڪيترا دفعا مان پنهنجو مٿو تنهنجي نرم ٻانهن تي رکيو آهي- پر هر پيري مون کي ان تصوري تصويرن کي پرزا پرزا ڪرڻو پيو.

پوءِ انهن پرزن کي مون ساڙي- انهن جي خاڪ ٿاهي- جيئن انهن پرزن جو ڪوبه نشان ئي نه رهي- مان مري ويندس،

"ڪاش! مون ۾ اهڙي سگهه هجي جو مان پنهنجي ان باهمت اخلاق کي هڪ ٻڏهي ٻانس جي لڪڙي تي ڪنهن بانڌر جيان ويهاري چڙهيان- ۽ هُل ڪري سڀني اهنڊڙ ويندڙ کي روڪيان ته اچو ڏسو ۽ عبرت حاصل ڪريو-"

ان واقعي کان پوءِ پروفيسر صرف پنج ڏينهن جيئرو رهيو- سڪينه جو بيان آهي ته پروفيسر مون کان اڳ ڏيو خوش هو، جڏهن هو زندگيءَ جو پوين ساه کڻي رهيو هو ته ان سڪينه کي صرف ايترو چيو "سڪينه مان لالچي ناهيان- زندگيءَ جاهي آخري پنج ڏينهن منهنجي لاءِ ڪافي آهن- مان تنهنجو ٿورائتو اهيان-"

ترجمو - امداد حسين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪراچي شهر ۾ سنڌي ڪتابن جو مشهور دڪان

مڪتبهءَ اسحاقيه

جهونا مارڪيٽ

برانچ: اردو بازار ڪراچي

ٽنڊي آدم ۾ سنڌي ڪتابن ڪاڻسواءِ اسٽيشنري

۽ ڪيسٽن لاءِ

آسومل بڪ سينٽر

جناح چوڪ

جيڪڏهن اوهان کي سنڌي، اردو، انگريزي اخبارن

رسالن، ڪتابن جي ضرورت هجي ته هڪ دفعو

اسان وٽ اچو

عوامي ڪتاب گهر

پروپرائيٽر محمد رمضان چانڊيو

ڪتابن ۽ اخبارن لاءِ مشهور

غفور نيوز ايجنسي بدين

ٽنڊوالهيار ۾ ڪتاب ۽ اخبارون حاصل ڪرڻ لاءِ

زبير نيوز ايجنسي

بس اسٽينڊ

سنڌي ڪتابن، اخبارن ۽ رسالن لاءِ هيٺيان دڪان هر وقت اوهان لاءِ کليل

(١)	رابيل ڪتاب گهر	مهراڻ هوٽل لاڙڪاڻو
(٢)	پاڪستان بڪ ڊيپو	اسٽيشن لاڙڪاڻو
(٣)	سگهنڌ ڪتاب گهر	لاڙڪاڻو
(٤)	نيشنل بڪ ڊيپو	خيرپور ميرس
(٥)	مرتضيٰ ابڙو بڪ اسٽور	شڪارپور
(٦)	سنڌ ڪتاب گهر	ڪنڌ ڪوٽ
(٧)	سرتاج بڪ ڊيپو	ڪنڌ ڪوٽ
(٨)	محمد رفيق	پڏعيدن
(٩)	علي احمد	ڪنڊيارو
(١٠)	حبيب‌الرحمان	جوهي ضلع دادو

درسي ڪتاب، ادبي ڪتاب، اسٽيشنري، ۽ اخبارن لاءِ
اسان اوهان لاءِ هر وقت حاضر
ميرپورخاص جو مشهور ڪتاب گهر

سنڌ ڪتاب گهر

اسٽيشن روڊ ميرپور خاص

راڻيل پبلڪيشن جا ٿوري ۾ شايع ٿيندڙ ڪتاب

(۱) مان انتظار ڪندس (ٻيو ڇاپو)
ڪرشن چندر جو هي ڪتاب صرف هڪ هفتي اندر وڪرو ٿي ويو هو. ۽ ڪن سڄڻن کي ملي نه سگهيو بهترين ڇپائي صفحا ۱۰۰ قيمت ۷ روپيه

(۲) نور کهلو جو ترجمو ڪيل پيار ۽ محبت جي موضوع تي ٻڌهي ناول

صفحه ۱۱۲ قيمت ۸ روپيه

(۳) امر تا پريتم جون چونڊ ڪهاڻيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رنگين ۽ سادي ڇپائيءَ
جو بهترين مرڪز

شادي ڪارڊ، عيد ڪارڊ، دعوتي ڪارڊ،
ٽائيٽل ڪتاب ۽ هر قسم جي
ڇپائي لاءِ هڪ دفعو اسانکي
ضرور آزمايو

مدثر پرنٽنگ پريس
ناهين جو پڙ حيدرآباد سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رابيل پبليڪيشن جا ايندڙ ڪتاب

1. ديس ديس جون ڪهاڻيون
2. ڪهاڻيون - نجم عباسي
3. ڪهاڻيون - عبدالقادر جوڻيجو
4. لعل پشپ جون ڪهاڻيون
5. ڪرشن چندر جون ڪهاڻيون

رابيل پبليڪيشن
پوسٽ باڪس ١٦ لاڙڪاڻو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪ ”لُڙهندَڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪندَڙُ، پاڙي، ڪاٺُو، پاجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڑهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَڻَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سِپني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿيِ، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪچي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

ون ون کي مون ياڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ ڀڪيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.
اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book